هڳاءُ

(١٩ ڀارتيہ ڀاشائن جي ڪوتائن جو ترجمو)



ترجمو

ڀڳوان اٽلاڻي

ھڳاءُ

(آڪاشوائيءَ تان 26 جنوريءَ تي نشر
ٿيندڙ 'سرو ڀاشا ڪوي سميلن' ۾ پڙهيل
ڪوتائن جو سنڌي ترجمو)

ترجمو :

ڀڳوان اَٽلاڻي

پرڪاشڪ :

ڪومل پرڪاشن

ڊي-183، مالوينگر

جئپور -302017

3

ارپڻ

هريش ديوناڻي

۽

سريش ٻٻلاڻي

کي

جن تي مان اَکيون پوري

ڀروسو ڪري سگهان ٿو

Hugao

(Sindhi Translation of the poems in 19 Indian Langueges)

Translater : Bhagwan Atlani

Edition First : 2023

Copies - 500

Price : ₹ 350/-

ISBN 978-93-5786-325-4

Publisher :
Komal Prakashan
D-183, Malviya Nagar,
Jaipur-302017
Mob, 09828400325

Proof Reading : Dr. Suresh Bablani

Computer Setting :
Bhagwan Raichandani
Alfa Computers & Prints
Hathi Bhata, Ajmer-305001
Mob. 9460479037

Printers :
Tectnocrat Printers Pvt. Ltd.
F-24, Kartarpura Industrial Area,
Bais Godam, Jaipur-302006
Mob. 9829011091

هڳاءُ

(۱۹ ڀارتيه ڀاشائن جي ڪوتائن جو ترجمو)

ترجمو : ڀڳوان اٽلاڻي

ڇاپو پهريون: ۲۰۲۳

ڪاپيون - ۵۰۰

قيمت : -/۳۵۰ ₹

آءِ ايس بي اين ۴-۳۲۵-۵۷۸۶-۹۳-۹۷۸

پرڪاشڪ :
ڪومل پرڪاشن
ڊي - ۱۸۳، مالوينگر
جئپور - ۳۰۲۰۱۷
موبائيل : ۰۹۸۲۸۴۰۰۳۲۵

پروف ريڊنگ : ڊا. سريش ٻٻلاڻي

ڪمپيوٽر سيٽنگ :
ڀڳوان رائچنداڻي
آلفا ڪمپيوٽرس اَئنڊ پرنٽس
هاٿي ڀاٽا، اَجمير - ۳۰۵۰۰۱
موبائيل ۹۴۶۰۴۷۹۰۳۷

ڇپيندڙ :
ٽيڪنوڪريٽ پرنٽرس پرا.لميٽيڊ
ايف - ۲۴، ڪرتارپورا انڊ. ايريا
بائيس گودام، جئپور - ۳۰۲۰۰۶
موبائيل ۹۸۲۹۰۱۱۰۹۱

Published under the Financial Assistance Scheme for Publication by Sindhi Academy, Delhi. The Academy does not necessarily subscribe to the views of the Author.

فهرست

ڀڳوان اَٽلاڻي

واقفيت

هنديءَ ۽ سنڌيءَ جي ليکڪ ڀڳوان اَٽلاڻيءَ جا هنديءَ ۾ چوڏهان(14)، سنڌيءَ ۾ يارهان (11) ۽ ترجما ڪيل يا ٿيل يارهان (11)، ڪُل ڇٽيهه (36) ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سندس 1500 کان وڌيڪ رچنائون ڇپيون آهن ۽ 300 کان وڌيڪ پروگرام آڪاشواڻي/دوردرشن تان نشر ٿي چڪا آهن. اَٽلاڻيءَ جي رچنائن جو تمل، تيلگو، مليالم، مراٺي، گجراتي، اُڙيا، انگريزي، اُردو، راجستاني، پنجابي ۽ سنسڪرت ڀاشا ۾ ترجمو ٿيو آهي.

لاڙڪاڻا (سنڌ) ۾ 10 مارچ 1945 تي ڄاول ڀڳوان اَٽلاڻيءَ کي اين.سي.پي.ايس. ايل جي پنج لک روپين جي لائيف ٽائيم اوارڊ، راجستان هندي ساهتيه اَڪادميءَ جي سڀ کان وڏي سنمان ’ميرا پرسڪار‘، راجستان سنڌي اَڪادميءَ جي سڀ کان وڏي سنمان ’سامي پرسڪار‘، اُترپرديش هندي سنستان جي هڪ لک روپين جي آبرودار ’سؤهارد سنمان‘، ’آڪاشواڻي وارشڪ پرسڪار‘ ۽ ’ساهتيه اڪادمي دهلي انواد پرسڪار‘ سميت 36 کان وڌيڪ سنمانن سان نوازيو ويو آهي.

ڀڳوان اَٽلاڻي راجستان سنڌي اَڪادميءَ جو اَڌيڪش، اين.سي.پي.ايس.ايل جو ميمبر، ساهتيه اَڪادميءَ جي ايڊوائيزري بورڊ جو ميمبر ۽ گيانپيٺ پرسڪار جي سنڌي صلاحڪار ڪاميٽيءَ جو ڪنوينر رهيو آهي.

سرنانو : ڊي - 183، مالوينگر، جئپور-302017
فون : 9828400325
اي ميل : bhagwanatlani@rediffmail.com

۾ پڙهيل سندس ڪوتا کي ٻين ٻولين جي شاعرن طرفان داد مليو هو. مونکي فخر آهي تہ آرجن چاولا جي ڪوتا جي چونڊ وقت جوري (ججِ) جي حيثيت ۾ مون ڪردار نڀايو هو.

مونکي ڏاڍي ڏاڍي ڀڳوان اٽلاڻيءَ جڏهن آڪاشواڻيءَ جي ڪوتائن جي سنڌي ترجمي واري ڪتاب 'هڳاءُ' تي بہ اکر لکڻ لاءِ چيو تہ فخر محسوس ڪيم. آڪاشواڻيءَ تان سرو ڀاشا ڪوي سميلن ۾ پڙهيل مختلف زبانن جي ڪوتائن جو ليکڪ پاران ڪيل سنڌي ترجمو جڏهن ڪتابي روپ ۾ سامهون ايندو تہ اُها سنڌي ادبنوازن لاءِ سهڻي سوغات ٿيندي. 'هڳاءُ' ۾ مختلف ڀاشائن جون ٤٦ ڪوتائون آهن.

ليکڪ طرفان ڪيل انواد ڪان پهرين ترجمي جي ڪن اصولن ۽ ماڻ ماپن تي سرسري نظر وجهڻ ضروري آهي. ترجمي جو ڪم ڏکيو آهي تخليق ڪيتري قدر برقرار رکي ويئي آهي؟ ڪنهن ڌاري ٻوليءَ جي محاورن، ثقافت، ڪلچر يا وري مٽيءَ جي خوشبوءِ ڪيتري قدر برقرار رهي آهي؟ تڪنيڪي انواد ايترو للڪار پريو نہ هوندو آهي جيترو شاعري. تخليقي ٻوليءَ جي سُڳنڌ ۽ اُنجي آتما سان ڪيترو اِنصاف ڪيو ويو آهي؟ اِها للڪار ساهتيڪ انواد ۽ اُهو بہ جيڪڏهن ڪوتا جو آهي تہ ترجمينگار لاءِ تنهنڪري بہ وڌي وڃي ٿي ڇو تہ شاعر جي ڪلپنا ۽ جذبن جو ڌيان رکڻو ٿو پوي. سنڌيءَ ۾ تمام گهٽ ترجمينگارن اِن ڪسوٽيءَ تي پاڻ موڪيو آهي. 'سنڌو رتن' جي ايڊيٽر ڏاڍي جي.ايم. گرگ لالاڻيءَ شيخ اَياز جي شاعريءَ جو انگريزيءَ ۾ تمام سٺو ترجمو ڪيو آهي. هن وقت ڊاڪٽر ونود آسوداڻي انگريزيءَ ۾ انواد جو ڪم تمام سٺو ڪري رهيو آهي. لڇمڻ ڀاٽيا 'ڪومل' اُردو ۽ انگريزيءَ ۾ ترجما ڪري پاڻ موڪيو. موهن گيهاڻي، رام درياڻي انگريزيءَ ۽ ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي هندي، انگريزي ۾ ديوي ناگراڻيءَ ۽ ڪجهہ ٻين ترجما ڪيا آهن. ڀڳوان اَٽلاڻيءَ پڻ 'هڳاءُ' ۾ انواد جي ماڻ ماپن سان بخوبي نڀايو آهي. ليکڪ ڀڳوان اَٽلاڻيءَ هنديءَ ۾ تمام سٺو ڪم ڪيو آهي. هوُ هندي ساهتيہ جو وڏو نالو آهي. کيس ميرا پرسڪار سان پڻ نوازيو ويو آهي. پر ١٩ ڀاشائن جي ساهتيہ، سو بہ ڪوتائن جهڙي صنف جو ترجمو ڪري هن للڪار پريو ڪم ڪيو آهي ۽ اثردار نموني ڪيو آهي.

مهاڳ

سهڻي سوغات

برک ڪهاڻيڪاري، نثر نويس، مقالا نگار، شاعر، ليکڪ پڳوان اتلاڻي طرفان آڪاشواڻيءَ جي سرو ڀاشا ڪوي سميلن ۾ پڙهيل مختلف ١٩ ڀاشائن جي ڪويتائن جي سنڌي ترجمي 'ڪُهاڻُ' جو دستخط منهنجي آڏو آهي. مسوّدي ۾ ڀارت جي جوڙجڪ ۾ شامل ڀاشائن آسميا، بوڙو، بنگالي، گجراتي، هندي، پنجابي، اُردو، سنسڪرت، ڪشميري، ڪنڙ، تيلگو، ڪونڪڻي، مڻيپوري، نيپالي، ڊوگري، مئٿلي، اُڙيا، سنٿالي ۽ مليالم ۾ آڪاشواڻيءَ طرفان رعيتي راڄ ٢٦ جنوريءَ جي موقعي تي سرو ڀاشا ڪوي سميلن ۾ پيش ڪيل آهن. مُول ڪوتا جو ڪوي ۽ هندي يا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندڙ مقرر شهر ۾ ٻڌندڙن سامهون پيشڪش پڙهندا آهن.

اُن ڀاشا سان واسطو رکندڙ آڪاشواڻي ڪيندرن طرفان مُول ڪوتائن ۽ هندي يا انگريزيءَ ۾ ترجمو ججن جي ڪاميٽيءَ وٽ موڪليا ويندا آهن. ججن جي چُونڊ بعد هڪ ڪويءَ جي مُول ڪوتا فيصلي موجوب پيش ڪئي ويندي آهي. اگر ڪن اڻٽر حالتن سبب مُول ڪوتا جو ڪوي نٿو پهچي سگهي تہ اُن ڀاشا سان تعلق رکندڙ ڪنهن شاعر کان چونڊيل ڪوتا پڙهائي ويندي آهي. مونکي ياد آهي، شاعر ارجن شاد صحت جي ناچاڪائيءَ ڪري دهلي اچي نہ سگهيا هئا تہ سندن ڪوتا ۽ هنديءَ ۾ ترجمو پيش ڪرڻ جي جوابداري آڪاشواڻيءَ طرفان مون تي وڌي ويئي هئي ڪيترا دفعا ٻين ججن (جوري) سان گڏ ماهر جي حيثيت ۾ سنڌيءَ جون ڪوتائون چونڊڻ جي جوابداري بہ مون تي رهي. ويجهڙ ساهتيہ اڪادميءَ جي منچ تان اوارڊ حاصل ڪرڻ آيل شاعر ارجن چاولا ٻين ليکڪن جي موجودگيءَ ۾ ذڪر ڪيو هو تہ سرو ڀاشا ڪوي سميلن

ضرورت ايجاد جي ماءُ هوندي آهي. پنهنجي ٻارن جي حفاظت لاءِ آکيرن ۾ ڪنڊن جي اِستعمال پهرين تہ چرڪايو پر پوءِ اصل معنيٰ سمجهہ ۾ آئي انواد ڪندڙ اِن ڳالهہ کي برقرار رکيو آهي.

گجراتي شاعرا ڇايا ترويديءَ جي ڪوتا ’هيءُ رستو‘ وندڻ چاهيندس:

لڳاتار هلندو رهندو آهي/هيءُ رستو/اَندر ٻاهر/ٻاهر اَندر.

اڳتي فرمايو اٿس :

ڪٿان نڪتو/ءِ ڪيڏانهن ويندو؟/ڪارون مٿان ڪاروان ڪٽي/لاڳيتو ڊڪندو رهندو آهي بي مطلب.

ڪنڙ جي شاعرا ڪويتري وئديهي ’اونداهيءَ جو گيت‘ عنوان واري ڪوتا اڄ جي دنيا اِنساني ذهنيت جي نمائندگي ڪندڙ آهي :

گهر زهريلا آهن/دليون ڪچري جون ٽوڪريون.

ٻئي طرف ڪشميري شاعرا رفيق راز ’ريشمي شاهڪار‘ عنوان واري ڪوتا ۾ جهنگل کي ڇيهو رسائڻ وارن اِنسانن جي آدمخور بڻجڻ طرف اِشارو ڪيو آهي :

ڳوٺ ۽ شهر ٿي ويا بي نوُر/بي زبان وڻ بينا هئا ويڳاڻا.

هن ڪوتا ۾ شاعر جهنگل طرف رخ ٿو ڪري اُتي بہ ساهہ ٻوساٽجندو ٿو محسوس ڪري. ’ريشمي شاهڪار‘ پرڪرتيءَ سان ڇيڙڇاڙ سبب ڪائنات جي رنگن جي اکين کان اوجهل ٿيڻ جي روئداد آهي.

اِن ڏس ۾ ڪونڪڻي جي شاعر يوُسف اي. شيخ جي ڪوتا ’مانڊويءَ جي ڪناري تي هلندي هلندي‘ ڏيان ڇڪائي ٿي. ڪوتا ۾ مانڊويءَ جي ڪناري تي ٽهلندي اڄ جي يوگ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اُتگي پالم نُنگسي جي مڻيپور ڪوتا ’منهنجي منڙي ماءُ‘ پهاڙن جهنگلن جي ڪُندن کي لتاڙيندي پنيءَ تي بوجهہ ڍوئيندي اُتان پاڻي ۽ ڪاٺيون گڏ ڪري اولاد جي سار سنڀال ٿي ڪري. سنڌيءَ ۾ بہ پنهنجي منڙي جيجل جي ممتا جي ساگر جي ڇولين جو احساس اسانکي ٻالپڻ ۾ وٺي ٿو وڃي:

پنڌ ڪندي جي ڏڪو ڪاڏم/ڪنهن ڪٽي تي ڇاتيءَ لاتم/منهنجي منڙي امڙ منهنجي منڙي اَمڙ.

اچو تہ سندس ترجمو ڪيل ڪجھہ ڪوتائن تي نظر وجھون. بنگالي شاعرا سُتپتا سين گپتا جي 'خواھشون' عنوان ڪوتا جون چند سٽون وندڻ چاھينديس :

ڪناري تي پھچڻ لاءِ ڪنڌيون گھرجن/ ٻن ھٿن جي طاقت گھرجي/چيتنا جي پاڪُر لاءِ/ سمنڊ جي گجگوڙ گھرجي/آسمان سان وڙھي/اُنکي ھيٺ لاھڻ لاءِ/ھوا ۾ ترندڙ ڪَڪَر گھرجن.

اِنھيءَ ڪوتا ۾ اڳتي فرمايو ويو آھي 'ڪڇ ۾ لڪل مٽو گھرجي' ھن سٽ ۾ خوبصورت انداز ۾ جيون جھلڪ اکين آڏو اچي ٿي.

ڪوتا 'اچا ياد آھي' عنوان تحت بوڙو شاعرا سورڻ پريا چئناري جي ڪوتا ۾ ٻالپڻ جو دل لڀائيندڙ درشيہ بيان ڪيل آھي :

مونکي ياد آھي/برسات جي مند جي اُھا رات/جڏھن تڏو وڇائي اَڱڻ ۾/اَسان سڀ پائر پينر سُمھيل ھئاسين/آڪاش ۾ تارا ڳڻيندي/ پان جي پن جو وڃڻو لوڏيندي/ھوريان ھوريان پوُن پوُن ڪري رھيا ھئاسين/نانيءَ آکاڻي ٻڌائي ھئي/اونچي آڪاش جي آکاڻي/چمڪندڙ تارن جي آکاڻي.

ھن ڪوتا ۾ ڳوناڻي ماحول، ٻالپڻ، تڏو ۽ وڃڻو جھڙين نج سنڌي لفظن جي بيھڪ دلڪش منظرڪشيءَ تصوير ۾ ڪٽي تي اچي مونکي پنھنجي 'مان گواھہ آھيان' عنوان واري ارتقائيٌ ڪوتا ۾ سنڌ جو ڳوناڻو منظر تري آيو.

ڊونگريءَ جي شاعر گيانيشور جي ڪوتا 'نسل اِئين بچندي آھي' ڪکن ڪانن بدران ڪنڊن سان آڪيري اڏڻ جو ذڪر کن پل لاءِ جھٽڪو ڏئي ٿو اڳتي ھلي ڪنڊن جي اِستعمال جو مفھوم چِرڪائي ٿو. ڪوتا جون چند سٽون پيش آھن :

ھر مؤسم ۾ ھروقت/ھاڻي جھرڪيون ڪکن پنن سان نہ/ڪنڊن سان اڏينديون آھن/ڪنڊن سان آڪيرا.

شاعر اڳتي فرمائي ٿو :

عقاب جي اَک کي نشانو ٻڻائڻ لاءِ

ڏونهون

مٺ، مندر ۽ درگاهون
منهنجي اَندر ئي
ڪر موڙينديون آهن

ڪيتريون اپسرائون ۽ گندروَ
ڪيترا ڪنر ڪنريون ۽ يڪش
اڇي وينا آهن
ساڌن سنياسين، پيرن جي پير ۾

رات پاسو ٿي ورائي
منهنجي بدن ۾ اُسري آيا آهن
هزارين سالن جي وڻن وَلين
گلن پنن جڙن
پکين، جانورن ۽ نانگن جا نشان

اُڏامي ٿي هزارين سالن جي مٽي
هزارين سالن جي گپ ۾
سڙن ٿا ٻئي پير
پراڻن ڪان ٻه پراڻا

هٽ ۾ رت ۽ ڳوڙهن جي ڪٽوري
اکينَ ۾ اڻ مئين سالن جو خُمار
چپن تي چسپا چپن جو شرابُ
ڳالهائڻ تو چاهيان آواز نه
اکيون پر ٽيون پسارن
جپ تي اٿاهه وقت جي اُڃ

ساڳيءَ طرف نيپالي شاعر منوج بوڳتي ڪوتا 'ديدي' ۾ اِن حقيقت کي ظاهر ڪيو ويو آهي تہ ماءُ کان پوءِ ڀيڻ پنهنجي ڀائرن تان جان نڇاور ڪندي آهي. ڀيڻ کان پوءِ ڀڦي بہ اِن قطار ۾ شامل ڪري سگهجي ٿي. عورت جي مختلف روپن ذريعي ڪردار زندهہ ٿي نظر اچن ٿا ۽ نازڪ جنس جي جيون جهلڪ جا درشيہ اکين آڏو رقص ڪرڻ لڳن ٿا. زبان، ڀاشا، ٻولي چاهي جدا جدا هجي پر اِنساني احساس جذبا، رشتا ناتا ۽ نديون ۽ قدرت هر قوم جي پراڻ وايو آهي.

'اسانجي لوڪتاڪ' ۾ مڻيپوري شاعر مورا نئم ورڪيا فرمائي ٿو:

تون اسانجي آتما آهين زندگي آهين/اَسانجو غرور آهين/هزارن سالن کان/تون ٻيني آهين/پنهنجين وشال ڦهليل ٻانهن سان.

'ڦڳاءُ' ۾ الڳ الڳ موضوعن تي مختلف زبانون ڳالهائيندڙ شاعرن جون اِنساني احساسن، وطن جي حب، ڪائنات جي جدا جدا رنگن ۽ پاسن تي ڪوتائون ملنديون. ديش پريم تي 'پرنام ڀارت' سان گڏ فوجين، برسات ۽ نرم دل ماءُ 'ڦڳاءُ' ۾ شامل آهن تہ سخت مزاج ڪنور هرديہ وارو پتا وغيره پڻ نظر اچن ٿا.

ڀڳوان اٽلاڻيءَ پنهنجو نوُر نچوئي ۽ پنهنجي ذات ۽ ڏانو سان ڀارتيہ ڀاشائن جي ڪوتائن جو جيڪو ترجمو ڪيو آهي. اڳتي هلي ادبي کيتر ۾ اهم جاءِ جوڙيندو. انجي ملهہ سمجهيو ويندو ۽ پاٺڪن جي دلچسپي سندس پورهئي جو قدر ڪندي.

سدائين گڏ !

وينا شرنگي

سي-84، اِندر پوري،

نئي دهلي - 110012

موبائيل 9810728440

16 فيبروري 2023

خواهشُون

ڪناري تي پهچڻ لاءِ ڪنڌيون گهرجن
ٻن هٿن جي طاقت گهرجي
چيتنا جي پاڪُر لاءِ
سمنڊ جي گجگوڙ گهرجي
آسمان سان وڙهي
اُنکي هيٺ لاهڻ لاءِ
هوا ۾ ترندڙ ڪَڪَرُ گهرجن
برسات ۾ واچُوڙي ۾
وِڄ جي لِڪ چِپَ راند گهرجي
سَنجھ جي ڪولاهلُ
۽ پنيان گهرجي هڪ واپار جي تجوڙي
رکيا هجن ڪليل پنا، پيچ ۾ گُدام
اِهو سڀ گڏ ڪري ٻوڙڻ ڪان اَگُ
اُپتو تي وجڻ گهرجي
بنسريءَ جا سُر گهرجن
۽ بسنت جي باغ جي هوا
سرءُ جي پنن جي کِل گهرجي
هڪ دفعو باهه لاءِ
ايندڙ شال لاءِ گهرجي مناس ۾ ويڙهيل زهرُ
زهر گهرجي دوا جي باسڻ ۾
چُمي گهر جي ٻُڌا گهر جي
گُهنجن جي آبشار جي ڪناري
ڪچ ۾ لڪل مٽو گهرجي

تون مونکي پنهنجي ويجهو ڇڪين ٿو
صبح ٿي رهيو آهي
مان نہ آهيان
خالي بسترو
بستري تي هڪ مئل رات جي
ڪِريل ننڊ

ننڊ ۾ مري ويل مهانڊن مان
مان آهستي ڪڍان ٿو
ڊٺل مندر مٺ جو هڪ پَلُ

اُتي آهي منهنجي غريب ڪويتا
هڪ مئل ڪويتا سان گڏ آهستي آهستي
لهي ٿي اچي
هڪ حسين صبح
ڪيترن اڻڇاتل ڏينهن جي چاڻ

تون مونکي حاصل ڪرڻ لاءِ بي چئن آهين
پر مان لهرُن ۾ لڪل آهيان
ڦيراٽيون پائي اُڏامي وڃڻ وارو دوُنهون

موُل آسميا ڪوتا:
سمير تانتي، ٽورسٽ آفيس، ڊائروڪٽوريٽ
آف ٽورزم، آسام سرڪار، اِسٽيشن روڊ،
گوهاٽي - ٧٨١٠٠١.

دلين جي ملڻ جي گونجار گهرجي ٽُلٽَن ٽُنٽَن ٽُنٽَن
ڀُڳل چانورن گهرجن نرم هٿيلين تي
چاڻڻو ۽ سمجهڻو آهي
گهٽيون راتيون جاڳڻو پوندو
هن جمنا جو پاڻي
پاڻيءَ جو آڌار ۽ رنگ گهرجي
ڏند ڪتا گهرجي
ڪرشن-ڪرشن، راڌا راڌا جي
گنجار گهرجي
مٽي گهرجي، امبرت گهرجي
ڪيسوُڦل جا پن گهرجن
جيڏانهن ڏسڻو نہ آهي
اوڏانهن ڏسڻ تي چاهيان
جنم کان انڌي جي گار گهرجي
بي وسيلي نؤجوانڙيءَ جو قاتل رئو
پوکڻ لاءِ مٽي گهرجي
بليءَ جي نهن جهڙا تِکا
۽ ويڪرن پنجن جهڙا
وقت جا سلسلا گهرجن
گهرجي شهر کان سَستو
چٽيءَ جهڙو چُگو
بنا نظم جي دل دهلائيندڙ کهاڻي
بيشمار ڪيسوڦلن سان پريل
لنبين ريل پٽڙين جي نيند
گهرجي اَپوُ
۽ بنا جنس زالن جي دُرگا منڊپ سامهوُن اِستوتي
گهرجي آواز کي ٻُتڻ لاءِ روني، ڪپڙو ۽ جاءِ

ڪڇ پرڻ لاءِ گهرجي هڪ آنات بار
پگهر گهرجي، ڪپڙو گهرجي، اوڍڻي گهرجي،
وڏوا جو وڳو گهرجي ۽ گهرجي ڪمبل جو سُٽُ
گهرجي ساڌن جي سنگت، سمُورو تياڳُ
ايشور جي اِرد گِرد روئڻ ۽ کِلڻ
پريميءَ جا رَت پنا نيڻ گهرجن
گهرجي سندس چپن جو آڌار
گهرجي پهلاج، گهرجي جگننات
گهرجي ڪام جو ستايل نؤجوان
گهرجي شاگرد، هڪ چريي جي ڊائري
جنهنکي پڙهي سگهي جوانڙو شاگرد
وچ ۾ ٽُتل صوُف جي ٻج جو ذرو گهرجي
اِندريُن جي کُلي ويل نوڙي گهرجي
گڏيل حساب جو سارُ گهرجي
مالها ۾ پوُيل هڪ پل لاءِ
ساهه کي روڪڻ وارو جادوُ گهرجي
مضبوط لوهه جو پرم گهرجي
هڪ دفعو
فقط هڪ دفعو ڪِري اُتڻ ڪانپوءِ
وجهان نظر تنهن کان اڳ ۾
چِتِڙ تي چاهيان هنن هٿن جا نشان
سُڃاتل هڳاءُ گهرجي
ٽڙڻ گهرجن ڪمل جا گُل ڏسندي ئي فرشُ
هولي گهرجي پورنماسي گهرجي
جهانجهه ۽ ڍول وڄائي
بين کي چيڙائيندڙ گيت گهرجن
خطري جا اِشارا نيستنابوُد ڪري

اَڄا ياد آهي

مونکي اڄا ياد آهي
جنهن ڏينهن مون آرس ڪيو هو اِسڪول وڃڻ ۾
سليٽ پينسل سني نہ آهي چئي
مون هر هر ماءُ سان اَنگل ڪيو هو
ٻارن ۾ ٻين ڪمن ۾ رُڌل هوندي بہ
ماءُ مونکي بہ ڏنڊا هنيان هئا
مان رئڻ لڳس، مونکي روئندو ڏسي
ماءُ بہ روئڻ لڳي
گهر جي پٺيان باغ ۾ سڏي نانيءَ
مونکي سمجهايو، تڏو ڪيو
نہ روءُ، رات جو توکي آکاٽي ٻڌائيندس.

مونکي اَڄ بہ ياد آهي
برسات جي مند جي اُها رات
جڏهن تڏو وڇائي اَڱڻ ۾
اَسان سڀ ڀائر ڀينر سُمهيل هئاسين
آڪاش ۾ تارا ٽِمڪيندي
پان جي پن جو وڃڻو لوڏيندي
هوريان هوريان ڀُون ڀُون ڪري رهيا هئاسين
نانيءَ آکاٽي ٻڌائي هئي
اونچي آڪاش جي آکاٽي
اُن وقت اسانجا چنچل من
آسمان تائين اُڏامي ويا هئا
آسمان جتي ڪوئي جهڳڙو ڪونهي
تارا جن ۾ ڪوئي وواد ڪونهي

ڳهرجي جهوپڙيءَ وٽ توڙي اُس
عاشق ۽ معشوقا جي پاڪر لاءِ
ڳهرجي غير قانون سنتان هڻڻ جو آهنڪار
ڳهرجي سون جي تار جي بدلي اَصلي سون
ڳهرجي ديوانگيءَ جي حدن تائين سون
ڳهرجي ڊسيڊيمونا جهڙو موٽ
چاهيان ٿي ستيءَ وانگر شِوانندا ٻڌي
ديهہ تياڳڻ جو جذبو
چاهيان ٿي ميران جي پڇنن لاءِ پريم
چاهيان ٿي ڪِليو پيٽرا ٻڻجڻ
چاهيان ٿي جهاز جنهن ۾ ساڙي سگهجي
مرڻ تائين عقيدي سان پريل ڪئِسِلانڪا کي
چاهيان ٿي جهاز
زمين، دنيا ۽ نيري ڳرهہ جو
چاهيان ٿي جهاز پريل پيار
دِل جي خاموشي
چاهيان ٿي ورلاپ جا هِڪُ يا ٻہ ڦڙا
اکين جون ڪجهہ پلڪون
چنبيليءَ جي گل جي ساهہ جيان
ڪنبندي ڪڏهن ڪڏهن.

مؤل بنگالي ڪوتا : سُتَپا سينگپتا

جنگ نہ، شانتي گھرجي

سڄي ملڪ ۾ ڪو سبب بڌائي
ڪنهن نہ ڪنهن ڪارڻ سان
بم وسفوٽ، گوليباري، لُٽ مار ۽ ڌاڪا
اَپهرڻ، قتل، باهيون ۽ بلاتڪار
وڌي رهيا آهن روز بہ روز

سڄي دنيا ۾ باهہ لڳل آهي
اِنسان پٽي رهيو آهي اُن ۾
۽ سڙي مري رهيو آهي
بيوَس پرواني وانگر
ٻرندڙ باهہ ڍڪائيندڙ تي ٻڌجي وڃي
پنهنجي وات کي وڏيڪ کوليندي

ڪجهہ وڃائن ٿا ماءُ پيءُ ڀاءُ ۽ ڀيڻ
ڪجهہ جي سينڌ جو سندوُر ٿو ڌوپجي
سڄو جڳت ڪنبي رهيو آهي
ڪجهہ خاموشيءَ سان ڳوڙها ٿا پيئن

هلو، اَسان ايندڙ نسل کي سيکاريون تہ
اَسانکي شانتي کپي، جنگ نہ
آتنڪواد ۽ بداِنتظامي ۾
ڦٽو نہ ڪيون هُننکي
پاراتا نہ ڏيون هننکي
تہ اِنهن ڳالهين کان نفرت آهي اسانکي
جنهنجي ڪري اَسانجو واڌارو رُڪيو

مونکي اُجا ياد آهي
ويساک مهني جو اُهو نظارو
جنهن ڏينهن
آنڌيءَ اسانجي وڏي گهر کي نيستنابود ڪيو هو
ڳوٺ جي بزرگن گڏجي ٺاهيو هو گهر
بيماريءَ کان پوءِ ٻن ڏڳن جي مرڻ تي
ڳوٺ جي رهواسين هر هلائي پوکيو هو
مئدان جو ڏکڻي حصو جيڪو پوکجي نہ سگهيو هو

پر اُهي نظارا موجوده دؤر ۾
هڪ خوشنما ياد جيان آهن
برسات جي مند اُن رات وانگر ناني
سيڪاري نٿي سگهي ٻارن کي
آڪاڻي نٿي ٻڌائي سگهي ٻارن کي
ڪشادي آڪاش ۾ خواب
نٿا ڏسي سگهن ٻار
نيستنابود ٿيل وڏو گهر ٺاهڻ ڪوئي نٿو اچي
رهجي ويل مٽيءَ ۾ پوکڻ لاءِ ڪوئي نٿو اچي
ڪوئي اڳيان نٿو اچي

هاڻي هرڪو پنهنجي لاءِ مصروف آهي
پنهنجن خوابن ۾ کوهيل آهي
ٻين کي پيرن سان چٿي وڏو ٻڻجڻ جي ڪوشش رُڌل ۾ آهي

تنهنڪري ئي
ڌرتيءَ جو وستار کُٽي ويو آهي
آسمان جامڙو ٿي ويو آهي
۽ دماغ سوڙهو ٿي ويو آهي.

مؤل ڪوتا جو عنوان : ’آنهان دابو گرسو آو دون،
مؤل ڪوتا جو ڪوي : سورڻ پريا چئناري

اَهنسا، پريم ۽ ڀائيچاري جو وَڌندو
۽ سچ جو راڄ قائم ٿيندو

رنڊڪون وجهڻ جي جڳهه تي
شانتي ڌرم ۽ ساماجڪ بنيادون
سيڪارڻ لاءِ پيدا ٿيندا
بڌ، عيسيٰ، شري ڪرشن،
حضرت محمد، گروُ نانڪ، مهاوير
اَلڳ اَلڳ عنوانن سان
ڳَن تائين/بندوقن جا آواز نہ
دنيا ۾ خوشيءَ جا ترانا ڳونجندا

اِنساني سڀيتا/پروان چڙهندي
سڄي سنسار ۾
شانتيءَ جي ٻيار هلندي
جنگ نہ، اسانکي شانتي گهرجي!
شانتيءَ جي بهار کي
دنيا جي گندگي صاف ڪرڻ ڏيو
سڙيل ويچارن ۽ فلسفن کي
ڏوپي اُجرو ٿيڻ ڏيو/خاتمو ٿيڻ ڏيو
اِنسان جي غلط سوچ جو
سندس دِل جي نفرت جو/اَنت ٿيڻ ڏيو
بداِنتظامي، آتنڪواد ۽ وويڪ هين غصي جو
شانتيءَ جي وڻندڙ هير کي
هلڻ ڏيو دنيا ۾
اِنسان کي ڪجهہ راحت ملڻ ڏيو
اَچو گڏجي ايشور در پرارٿنا ڪريون
پڪاريون سچيءَ دل سان

بوڙو جي مؤل ڪوتا : ڊاڪٽر منگل سنگهہ هازوار،
بيگنسالي، ڪوڪراجهار

جنهنجي ڪري اِنسانيت جو خاتمو ٿيو
ملڪ جو دشمن/ايندڙ نسل جي ويري
جيڪا نيستنابُود ڪندي آهي
ملڪ جي سياست، سماجواد ۽ ناٽي جو سرشتو
بد اِنتظامي، آتنڪواد ۽ وويڪ هينتا
ڇا اِنهنکي هٿي ڏينداسين اَسان؟

جنگ، بداِنتظامي
اِختلاف وڌائيندڙ وشواس
اَسان ڇو نا هوا ڏيون اِنهنکي؟
ٻين جي سڏانتن جو ٻليدان
شانتي ۽ واڌاري ۾ وگھن
بداِنتظاميءَ ۾ اِضافو ڪري ٿي جيڪا
ٽوڙي ٿي قائدا ۽ قانوُن
اَسان آجيان ڇو نا ڪريون اُنجي؟

اَسان ڪهڙو سبق سيکياسين؟
اَسان ڪهڙي نتيجي تي پهتاسين
ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ پينٽاگن جي بربادي۽ مان؟
پاڻ کي ۽ اِنسانيت کي ماري ڪري
بم، مسائيل ۽ اينٿريڪس
ڌرتيءَ تي اُڇلائي؟/ پٿر جهڙي دِل سان
هڪ ٻئي کي راڪاس جيان ڳيهي ڪري؟

جڳ ۾ ڄاتل اوساما بن لادين
طاقتور، خؤفناڪ، دنيا تي راڄ
ڪرڻ جو ڪانکي هٽلر
اَهڙا شخص اَڃا ڌرتيءَ تي پئدا ٿيندا
اَڃا بربادي ٿيندي
تنهن ڪان پوءِ بہ ملهہ

لسا ويچار ھلڻ ۾ ٿڪجي ويا
احساس غصي ۾ ٻرجي ويا
وقت جون ڏڙڪڻون بيهڪي ويون
رشتا اوڙاھہ ۾ گم ٿي ويا
سچ کي ڏکي ٻاھر ڪڍيو ويو
آزاديءَ کي ڦاھي ڏني وئي
نہ توکي ڄاڻ آھي، نہ مونکي
تنھن ھوندي بہ دوست
چيٽ جي تيز برساتين جي دوران
منھنجون اکيون رستو ٿيون ڳولھين
تري تنھنجين اکين تائين
پھچڻ جو

بوڙو جي مؤل ڪوتا : ڏيجريؤ جيوتي بسومتري

هڪ رستو

چيٽ مهني جي تيز برساتين
جي دوران
منهنجون اکيون رستو ڳولهي رهيون آهن
تنهنجي اکين تائين پهچڻ جو
مان ڏکهي وقت کان هيءُ رستو
ڳولهي رهيو آهيان
نہ ڪا گهٽي آهي نہ ڪو ڪنارو
ڪڏهن کان رستو بند ٿيو آهي
نہ توکي جاڻ آهي، نہ مونکي
هڪ زماني ۾ آزادي هئي هن رستي تي
مَٺُ، مندر، چرچ سڀ هئا
ايشور جي دل ۾،
الله ۽ جيجس جي دل ۾
اسان اچي ۽ وڃي پيا سگهون
ڪڏهن کان هيءُ رستو
سوڙهين گهٽين ۾ مٽجي ويو
نہ توکي جاڻ آهي نہ مونکي
ڪنهن ٽوڙيو آهي هن رستي جي
خوبصورت نڪ کي
ڪنهن کسي هوندي زندگي هن رستي کان
ڪنهن برباد ڪيو هوندو هن رستي کي
نہ توکي جاڻ آهي نہ مونکي

ڪيترا پيرا ڪوتا

ڪيترا پيرا ڪوتا
من ۾ ايندي آهي پر
ڦُر ڪري اُڏامي ويندي آهي
پڪڙڻ جي ڪوشش ڪريو ته
آڱرين جا ڏوڏا ڪوتا جي آر پار
هڪ بئي کي ڇُهي ويندا آهن
پر تڏهن به ڪوتا پڪڙ ۾ نه ايندي آهي
ڪيترا پيرا ڪوتا ڪنهن اڳوات سوچنا جي بنا
برسات جي موتين وانگر جهماجهم وسندي
اندران ٻاهران سرابور ڪري ويندي آهي
اينري مستي جو/هٿ ۾ قلم ڪٽي پني تي لکڻ ۾ به
محسوس ٿيندو آهي رخنو
ڪويتا جي آنند ۾/ڪيترا پيرا ڪوتا ايندي آهي
ايندي ضرور آهي پر تُرت لوپ ٿي ويندي آهي
وري موٽندي آهي، چيڙائيندي آهي
۽ لڪي پوندي آهي ننڍڙي چلولي ٻارڙيءَ جيان
لڪ چپ راند ڪندي ويچارا ڏيندي آهي
جڏهن پيڇو ڪندي بيدم ٿي ويندو آهين
شرارت سان پرڪندي، ماسوميت سان پاڻ ئي
تنهنجيءَ ڪڇ ۾ اچي ويندي آهي
ڪيترا پيرا ڪويتا ....

ڊونگري ۾ۈل :پروفيسر للت منگوترا

نَسَلَ اِئين بچندي آهي

آسمان ۾ اُڏامندڙ عُقابَ
جو پاڇو ڏسندي
هميشه ڪنبنديون رهيون
نازڪ دل جهرڪيون
هر مؤسم ۾ هروقت
هاڻي جهرڪيون ڪکن پنن سان نہ
ڪندن سان اڏينديون آهن
پنهنجا آکيرا
۽ چوٽي چوڳي جي جڳهہ
عقاب جي اَک کي نيشانو بڻائي
تاندن جي ڇهنب ۾ رکنديون آهن
سُئيءَ جي چُيندڙ نوڪَ
نہ چاڻ ڪتان سکنديون آهن
ڳگدام جهرڪيون
پنهنجي حيثيت کي بچائڻ جو
اَٽتر رامباڻ نسخو!
شايد تنهنڪري ئي سلامت آهي
اَجا تائين
نَسَلَ جهرڪين جي

ڊونگريءَ ۾ مؤل : گيانيشوَر، چمون

اي ڇوڪري

مان جيڪڏهن هجان ها هاري
پھرين وڄان ها ٻني ڪيڙڻ
اَنُ پئدا ڪيان ها- داڻن جو اَنبار لڳايان ها
ڌرتيءَ جي ٻُڪ مٿايان ها
ڪڻي نيرن جڏهن تون اچين ها
ٺُمڪي ٺُمڪي تون پير رکين ها
وڏن کان لڄ ڪندين شرمائيندي
ننڍن سان کلندي مُرڪندي
زمين - زمين ٻنيءَ - ٻنيءَ ۾
گهر - گهر، گهٽيءَ - گهٽيءَ، رستي ۾
تنهنجون منهنجون ڳالهيون ٿين ها
اڙي ڇوڪري!
مان جيڪڏهن هجان ها هاري

ڇوڪري، مان جيڪڏهن هجان ها فوجي
سرحدن جي رکيا ڪيان ها
دشمنن کي ڀڄايان ها
ڌرتيءَ خاطر جيئان مران ها
روز توکي هڪ خط لکان ها
۽ تنهنجي آيل خط کي پڙهان ها
سال کان پوءِ موڪل تي اچان ها
تون هر پَل ڇِن راهه تڪين ها

مان

منهنجي ديهه،
منهنجو بدن مٽي آهي
هنکي مٽيءَ مان ئي ملٽو آهي/اِهو قديمي سچ آهي
منهنجا هٿ پير، مٿو ڇاتي،
اکيون ڇپ سڀ مٽي آهن
اِها بہ حقيقت آهي پر هڪ سچ ٻيو بہ آهي
مڇيم منهنجا ڇپ مٽي آهن
منهنجي مُرڪ مٽي آهي
منهنجي دل مٽي هوندي
اُن مان پئدا ٿيندڙ لالسا مٽي نہ آهي
هجن منهنجون اکيون مٽي
اُنهنجا سُپنا مٽي نہ آهن
منهنجا ڪن مٽي هوندا
اُنهن مان سنگيت جي سڃاڻپ مٽي نہ آهي
منهنجون اُميدون ، منهنجون آشائون
منهنجي بيصبري، منهنجي اُداسي
منهنجو پيار، پاڻ کي سمورو ڪرڻ جي منهنجي اُڪير
حدوُن اورانگڻ جون منهنجون ڪوششون تہ مٽي نہ آهن
منهنجي ديهہ
جيڪا منهنجي حيثيت جو بس ننڍڙو حصو آهي
بيشڪ مٽي آهي
پر منهنجو واڌ 'مان' مٽي نہ آهي

ڊونگري مان موُل :پروفيسر للت منگوترا

پر مان نہ هاري، نہ فوجي
اڙي! نہ مالي نہ بادل
مان تہ آهيان ڪوي، آهيان ليکڪ
نَٽُ آهيان، آهيان ناٽڪڪار
پنهنجي لئہ تي ڳائڻ وارو
من مندر ۾ رهڻ وارو

آهي معشوق قلم ئي جنهنجو
جيڪو بس، قلم تي ساهہ ڏئي ٿو
تنهنجو اُهو ڪٿان ٿي سگهندو
تنهنجو ڇا، پنهنجو بہ نہ آهي
هوُ سڀ جو، سڀ آهن هنجا
پنيان سندس ڪر وقت نہ ضايع
پنيان سندس ڪر وقت نہ ضايع

مؤل ڊونگري : موهن سنگهہ

منهنجون سارٽيون اُٿين ها
ٽيڪ رهان باسيون باسين ها
دل کولي مونکي پيار ڪرين ها

چوڪري، جيڪڏهن مان مالي هجان ها
قسمن قسمن جا وڻ لڳايان ها
ڌرتيءَ کي رنگ برنگو ڪريان ها
هر سواس کي خوشبوءِ سان پريان ها
تنهنجي سينڌ پيار سان سينگاريا ها
تنهنجي ڪَڇ ڪلين گُلن سان پريان ها
تون ڏسي خوشيءَ سان نچين ها
پريم خماريءَ ۾ اسين رهون ها
پير نہ ڌرتيءَ تي پون ها
زندگي رنگ رنگيلي هجي ها
چوڪري، مان جيڪڏهن مالي هجان ها

چوڪري، مان جيڪڏهن بادل هجان ها
ڌرتيءَ جي هر اُجاڙ ٽڪر کي نَمُ ڪريان ها
وقت ضرورت مڙان وسان ها
اُجايلن کي ترپت ڪريان ها
زندگيءَ جي ڏور تندرست ڪريان ها
هوا وانگر تون گڏ هجين ها
ڌرتيءَ جون سڀ ڪندون ڏيکارين ها
تنهنجي چوڻ سان هلان بيهان ها
ختم نہ منهنجو سفر ٿئي ها
ڳولهيان ها جنهنکي اُچ هجي ها
جنهنکي تنهنجي منهنجي ڳرج هجي ها
چوڪري، مان جيڪڏهن بادل هجان ها

ڪڏهن گلموهر جيان چانوَ ڏيندڙ
چڱن ڀلن رهبرن کي
راهه تان ڀٽڪائي ڇڏيندو آهي
هيءُ رستو!

✧

ڪڏهن بيٺ وانگر
پرڏيهيءَ کي
لپٽيندو آهي ڳولائيءَ ۾
پاڻيءَ جيان
هيءُ رستو!
سمجهه ۾ نه ايندي آهي ڏِسَ
ته هلڻ لڳندو آهي اِئين
جڻ هٿ ۾ هجي نقشو

✧

ڪٿان نڪتو
۽ ڪيڏانهن ويندو؟
ڪارون مٿان ڪاروان ڪٽي
لاڳيتو ڊڪندو رهندو آهي بي مطلب
ڪو قدم وٺي وجيس ته
اُنجي هيٺان
ويهي به رهندو آهي
هيءُ رستو!

✧

رستي مان نڪرندا آهن
ڪيترا ئي رستا

هيءُ رستو

نہ ڄاڻ ڪيترا پيچرا
گُم ٿيندا آهن
تڏهن ڏکيائيءَ سان نهندو آهي
هڪ رستو!

✧

لڳاتار هلندو رهندو آهي
هيءُ رستو
اَندر ٻاهر
ٻاهر اَندر

✧

پتو ناهي
ڪيڏانهن وٺي ويندو آهي
هنجي هڪ هڪ موڙ ۾
لکيل آهي ڪونہ ڪو سرنامو
پر
هنکي نہ ايندو آهي
قدمن کي پڙهڻ

✧

ڪڏهن ڪڏهن بلڪل سڌو سنواٽو
ڪڏهن ڄڻ تہ بلڪل نٽڪٽ
ڪڏهن گرمءَ تپش پريل

رستي تي هڪ ڏکيو شخص

اڄ اوچتو نظر اچي ويو
رستي تي هڪ ڏکيو شخص
پنهنجن دڪانن تان ماڻهو
اُچڪي اُچڪي تڪي رهيا هئا هنڪي
ٻار نچي رهيا هئا تاڙيون وڄائيندي
حولدار سرگوشي ڪري رهيو هو
”حضور، حوالات جي دروازي ڪان ٻه
ڏکيو آهي هيءُ شخص“
مسخرا هينگون ڏيئي رهيا هئا
”جهانپناهه، اوهانجي ڪرسيءَ ڪان ٻه
ڏکيو آهي هيءُ شخص“
ڇؤواٽي تي پوليس وارو اکيون ڦاڙي ڏسي رهيو هو
”ائي الله، رستي تي ايترو ڏکيو شخص!“
سينو تاڻي هلي رهيو هو هوُ
شاهراهه تي مضبوط
حليم ۽ بيپرواهه
شهر ۾ باهه جيان ڦهلجي ويئي
هيءَ خبر
نڪري آيا هئا پنهنجن گهرن مان
ڇامڙا شخص
ڇؤڪس تي ويا هئا آخبار
سينا ڪي ڪيو ويو هوشيار
وزرات ۾ هلي رهيو هو ولوڙو

اُهڙا انوکا رنگ ڍنگ!
ڏسو جٿي سگهجي
ڪڏهن، ڪهڙي
ڪٿي ايندا رستي تي
۽
ڪڏهن، ڪهڙي
ڏيکاريندا صحيح راهه!
صحيح ناڻائندا رکيو ويندو آهي ٿاڻو
۽ پٽيو آهي ٿاريل
ڪڏهن نه رستو نه رهندو آهي
فقط رستو ئي!

٭

سنڀاليل نمي ۽ ڀاڻ
هن رستي جي ڪنارن تي
ڪڏهن ڪڏهن اُسري ايندو آهي
گاهه!

٭

رستو هلندو رهندو آهي
اندر ٻاهر
اڳيان پٺيان
گڏوگڏ
مٽي ۽ ڪان مٽي ۽ ناٿين
بس
هي ۽ رستو!

مُول گجراتي ڪوتا : ڇايا ترويدي

تون آهين باغن وانگر دلڪش
سرجڻ جو تعجب ڀريو گيت
ڇڪ پئدا ڪر خوشبودار گلن ڦلن سان

دل جو درد ٻڌجي سنائ
پريتم جي ياد ٻڌجي سنائ
اُڏامندڙ پکين جي ٽولين جيان آنند ڏي
تون ئي ٻچپل آهين رستو ڏيکارڻ واري
اُميد جي ڏيئي مثل
تنهنجي ڪڇ آهي سپني جيون جو آکيرو
ٽپا ڏي، اُپامندڙ ندي ٻڌجي ٽپا ڏي
باغ جهڙي سونهن جو
سمنڊ آهين تون
آهين تون ڌرتيءَ جي لٽل ساڪشات سرڳ

ڏس تنهنجي ساوَڪ آهي چاهتن جو ٿانءُ
وڌ اڳيان بي حجابُ
وڌاءِ جيون رَت کي اَڳتي
ڏس زندگي ڪڏهن نہ ملي مٽيءَ ۾
جهنگل، اَمان ڪر پرورش
ٻڌجي مهر جي اَک
ٻڌجي ڪائنات جي مني لولي

ڪننڙ ۾ مؤل : ڊاڪٽر مالتي پٽٽشيٽتي

هڪ ٻئي
پنهنجن پوٽن پوٽين کي ڳڌ ڪري
ڏيکاري رهي هئي
تہ ستيگ ۾ ٿيندا هئا
اهڙا ٿي ڏکيا شخص

مول هندي ڪوتا : ڪوي وشوناٿ پرساد تواري

—

جهنگل ماتا

اَچ ريجهاءِ او جهنگل ماتا
سپنن ۾ درشن ڏيئي
گد گد ڪري ڇڏ مونکي
ڪر حفاظت اَمان
تون آهين اسانجي عقيدي جو آشيانو
ٻج ٻڻجي لُياءِ
ياوناڻن جو وسڪارو ٻڻجي لُياءِ
تون آهين ڪوين ۽ گنڌرون جي دنيا

آهين پن پن ۾ تون
موہ جو ڄار ٻڻجي لُياءِ
اَکين جو سُرمو ٻڻجي لُياءِ

ڏسي ڪيئن ڳاهہ ٻڻجي
ڇانئجي ويئي آهين هر طرف
پٿر ۽ پهاڙ جهڙي مضبوط ضدي

خوشيءَ کي بدبُودار نفرت ۾ ڪيو پيوند
ڪيوسين قتل خوابن کي ۽ ميساريوسين پيار کي

جسم نالي قميص پائيندي ئي
ڇا اُن ۾ ملايوسين جات کي
غلامي ڪئيسين پات جي
ڪياسين رنگ ۽ درجا قميص ۾ شامل؟

ڪَوَڃَ کي سمجهيوسين پنهنجو آپو
وڇ جي جڳهه لڳي دائمي
پنهنجن هٿن سان پوکيسين ۽ نپائيسين دُشمني
وقت ڏسي رهيو آهي
جات ۽ پات جي ميلاپ کي
هوُ مرڪي ٿو

وقت گذري ٿو ۽ هڪ هڪ کي سمَن ٿو موڪلي
سڏ آيو آهي، ترت روانو ٿيءُ
ڇڏ پنهنجو اَسباب هن بي مطلب ميلي ۾
گرهه چٻاڙڻ جو وقت به ڪونهي تو وٽ

اَسان هت مُڪتيءَ لاءِ آيا هئاسين
پر اِنسان جي ڏاهپ ڇا حاصل ڪيو؟
وَيَلَ نيستنابود ٿي ويا
ٻچيلن وٽ ماضيءَ ۾ موٽڻ جو رستو ڪونهي
ٻج بوري ۾ بند آهن
نه ڇٽيو ۽ نه زهر پکيڙيو
عيسيٰ، شِوَ ۽ اَلله جا مفاصلا
شال ٿئين اَک کلندئي پگهرجي وڃن

موُل ڪننڙ ڪوتا : ڪويتري وئديهي
اوندوُ ڪَتَتَلا هادو

اونداهيءَ جو هڪ گيت

آجنبي اسان آهيون، هن دنيا جا مهمان
اَسانجو ڪردار مختصر ۾ آهي
هن گهر کي پنهنجائپ جو مناس ڏيڻ
پر اَسان هڪ ٻئي کي محسوس ڪرڻ ڇڏي ڏيون

گهر زهريلا آهن دليون ڪچري جون ٽوڪريون
ڪُوڙي اَهم کي هوا ڏيندي
اَسان اونهي ورهاڱي جون پتيون ٽا اَڏيون
ماڻهو اَٽڪيل آهن جتي جو تتي

ڀڪندڙ چراغ بينور آهن
تلوارون هيڏانهن هوڏانهن چمڪائيندي
گهري اونداهيءَ ۾
باغ هڪ ٿالهي آهي جنهن ۾
گلاب، چميلي، گلدائودي ڀڪن ٽا هر وقت

سنجها جي سُر ۾ گيت ڳائيندي
پکين جي آکيرن ۾ آهن سُڪل پن
اَسان ٻوٽا نہ، چڻگون پوکيون
آياسين گهمڻ گهتڻ، راند ڪرڻ
لڳي وياسين غلط ڪمن ۾
جات ۽ ڌرم جا ٻج پوکيندي

قدرت جي پيڪڙي ڪندي
خوراڪ ڏنيسين ورهاڱي جي رسائنڪ پاڻ جي

اَمميءَ جي سِلائي مشين جون ڪوتائون

ڪوتا ١.

ٻار جيان پاليو پٽيءَ کي
صديءَ جو چوٿون ڀاڱو گذاريان
سلائي مشين تي

منهنجي اَمميءَ لاءِ
نماز جو مطلب آهي جمعو
عيد جو مطلب آهي ڊوڙ ڪُرما
سلائي مشين جي اَکُٽ فوائد
سندس نوُنٽ کي ٽڪائي تي پر
بک شانت تي ڪري ڇهن ٻارن جي

اَمميءَ لاءِ
هيءُ ڪچڙا ٻوُٽا اَکيون آهن سندس خوابن جون
اُپجائو مٽيءَ جيان، ريگستان ۾ به

ڪوتا ٢

اَممي ڪپڙي جي ڪناري کي
روئيءَ جي ٽڪرن وانگر ڪٽي تي
هوءَ واپس ڳنڍي تي ٽُڪرن کي
۽ اُنهنکي هڪ تي ڪري

مؤت لاءِ مقبرو

اونڌهہ سامهون آئي روشنيءَ جي
هڪ پل ۾ روشنيءَ پاڪرُ پاتو اونڌهہ کي

خاموشيءَ جي واقفيت لاءِ تقرير ڏني
خاموشي چڙهي ويئي تقرير جي ڪلهن تي

مؤت لاءِ قبر کوٽي
مؤت ڪنبي ويو زندگيءَ کان ڏڪي ڪري

ڪنڙ ۾ مؤل ڪوتا : آرف راجا،
ڳوٺ اَرڪيرا
ضلع رائچوُر (ڪرناٽڪ)

پٽندڪلل جون ليڪون

(پٽندڪلل ۾ مندر ناهڻ جي هنر ۾ ترقي ٿي رهي آهي. تنهنڪري محسوس ٿو ٿئي تہ پرماتما جي هئڻ جي پاونا پڻ جاڳي رهي آهي. ٿيندو ٿو رهي هڪ سچ جو احساس. جيڪو ٿي چڪو آهي اُهو اَڏول ۽ بي سُود آهي. زندگي جيئڻ جي طاقت پل پل قائم رهي، شايد اِن مقصد سان پاڻ کي سرجت ڪرڻ واري جادُوئي آرسيءَ جيان رچيو ويو آهي پرماتما کي. اِهو هن ڪوتا جو ويچارڪ آڌار آهي.)

١

ڇا آهي هت فقط هڪ پٿر؟
ڪنهن چئي آهي اِها ڳالھ
پٿر جي هنن ڪبُوتر ڪوين جي ڪَنن ۾
جيڪو، جيترو جمع ٿيل آهي
اُهو ئي آهي زندگيءَ جو سپ ڪان وڏو شان مان
ديو ڳنگا هت
اُيامي ڪري پٿرن ۾ وهندي
ڪڏن ڪبن مان گهمندي
پٿر پاڻي ۽ پاڻي پٿر تي
چلڪات ڏيندي، چمڪندي ناهيندي ٿي وڃي روپ
پراڻ، پرماتما ۽ پٿر
اِن راز کي ڪير کوليندو؟
پٿر جي مٿان لنگهڻ وارا
هن پل جا منهنجا سوانس
ڇا دائمي آهن؟

چِڇريل دماغ کي ڳنڍڻ لاءِ هڪ سُئي
گهمنڊڙ ڇهان جي اِرد گرد ترڻ لاءِ مشين جو هڪ چڪو
دنيا جي بدصورتي ڪٽڻ لاءِ هٿ ۾ هڪ ڪئنچي

ڇڇريل چنڊُ، سوراخدار تارا
گهمنڊڙ گرهه لاٿونءَ وانگر
اَٽڇاتل اڻ ڏٺل هٿ جي اِشاري تي
ڪري رهيا آهن رقص

ڏُمڪيتو ۽ پُڇل تارا
بي مطلب سَنِسَناهٽَن ۾ ٻڏل
اوجاڳا ڪري ٿڪي رهيا آهن
اَممي اَسانکي هڪ بسترو گهرجي

ڪنڙ ۾ مؤل ڪوتا : آرف راجا،
ڳوٺ اَرڪيرا
ضلع رائچوُر (ڪرناٽڪ)

جتي آهستي آهستي ٻڏي ڪري
مٽي ڪڇندو آهي
چانديءَ جهڙو ڀهاڙي ڪوهيڙو
چمر چمر ڪندڙ بلور جو ڀاڇو ڀڄي
ڀاري وانگر وهندو ٿو وڃي
اُنجي گاهہ جو ڦُندڙيون
بنا ڄر ڀهچائي
اَندران روشن ڪنديون ٿيون وڃن
ايشوريہ پلو ترندي
اُنهنکي بنا ڀاڻيءَ وارن تلاون جي پار ٿو موڪلي
پل ۾ مرڪندو، پل ۾ ڪرندو، تڙندو ڪوهيڙو
ترت پريم جي مٽيءَ ۾ جذب ٿيندو ٿو وڃي

۵

حال ۾ جيڪو ڪجهہ آهي
تنهنکي لَت هڻو
ننون شوَلنگن تي هٿ رکي
چوان ٿو اِها ڳالهہ
تڏهن بہ
هن صبح جي ٿڏي ڇُهاءَ جيان
مان منظور ٿو ڪريان!
هي ايشور ٿوڙو ترس
ڪجهہ اِنتظار ڪر
جيئن هيءُ پٿر
پراڻن ۾ اونهو وڃي موٽي آچي

٦

ڦُتل لنگ تي جڪڙيل ڪوريئڙي جو ڄار
جهٽپٽ سوري ٿو بدزيبي آڪين وارو

٢

نندي، پاروتيءَ جي سامهون
نچڻ جي پاوَ ۾ شِوَ
تون آهين، فقط تون آهين
ٻيو ڪٿي ٻه نہ، بس هتي
ڏسڻ ۾ تون ڏهڪائيندڙ
ويجهو ايندي لڳندو آهي ڊپ
هي سدا شِوَ!
تون هت ئي جنم وٺي رهيو آهين
پٿر جو نانگ زيور ٻه
پر ڦڻ کولي بيٺل سچ آهي

٣

ڏُن ۾ هلڻ وارا نہ ڏسندا آهن ڪنهنکي
هوُ راجا ۽ مون سميت سندس ڪروڙن ۾ پرجا
فقط اَسان ئي تنهنجو پيڇو ڪري رهيا آهيون
توکي ايشور ٻڌائي
۽ تون!
پٽڪي رهيو آهين اُن گنگا جي ڳولها ۾
اُن چنڊ جي ڪلا جي تلاش ۾
شڪاريءَ وانگر جيڪو تير جو
پيڇو ڪندو رهندو آهي
۽ اَسان
بي مطلب اُن چمڪات جو سرو پڪڙڻ وارا!

٤

هي سڀ چهرا ئي آرسيون
جن ۾ چمڪي ٿو جڳت جو عڪس

ڇُهندي آهي منهنجيءَ دل کي
هونئن تہ مان لڳاتار جنم وٺندو رهندو آهيان
پر منهنجي آتما
بلڪل سڌي ٿي
پٿريلي پاڻيءَ ۾ لهندي آهي
۽ مان پربت وانگر پرگٽ ٿيندو آهيان
هنجي مُرڪ سڀ پاسي چلڪندي آهي
۽ اُها چاندوڪي
چپن ۽ چهري تي ڦهلجي ويندي آهي
ڪنجوسن چيو، پٿر آهي
ٻيو ڪجهہ نہ، بس پٿر آهي
جنهنکي اِئين ئي جنم ڏنو آهي
ڪنهن عورت، پاڻ جنم ورتي بنا
۽ ڪويءَ پڻ!
ويندي وڻ بہ جيڪي سهج نموني
مهما حاصل ڪري مٽيءَ ۾ ملي ويندا آهن
۽ شِوَ ۾ ٻڏي گم ٿي ويندا آهن
هي شِوَ، هاڻي تون تلاوَ ۾
ترڪڻ شروع ڪر !

ڪنڙ ۾ مؤل ڪوتا : جيويانند ايس. منجوُنات

وري مٿي ڪٽي مٿي
ڇپائي ٿو تير ڪي جاڳائڻ وارو ترشول
نہ لسا، نہ نرم ڇيندڙ پٿر آهن هر طرف
اُنهن جي هينان اِئين ئي طعنا ڏيندڙ پاڇا
ڇاتل سڄاتل راهہ تي ويندڙ ريڙهيون پائيندڙ
ڪيڙن جهڙا هردا
ڦاسن تي ملي مڪتي
پري رهجي وڃن تہ واسنائون
لڳي ٿو بس اِهوئي آهي
لوڪ پرلوڪ جو چار

٧

چندرما کي ڌارڻ ڪرڻ جو پرتاپ
ڏسو شِوَ جي ڪئلاش جي مهما
ڏسو هي جوڳي
ڏسو بنا روُپ واري کي
جنهن موُت کي بہ شڪست ڏني
بس هاڻي اُن مرڪندڙ چندرما کي نهاريندي
سُکانُ هلائيندا رهو
۽ آرام ڪريو

٨

زمين جون جڙون
۽ آسمان ۾ لٽڪندڙ اُلجهيل جٽائون
پريوءَ جي ڪرپا جي شان بڻجي
ڇا سونهن حاصل ڪرڻ لاءِ
چنڊ پاڻ لهي آيو آهي؟
جلندڙ محلن جي اُداسي ۽ غفائن جي اوندهہ

ساوَڪ جي سوغات ڪٽي مونيس مان
شهر ۽ ڳوٺ جي حالت عجيب هئي
نئين زندگيءَ جا سَلا ڦُٽا لفظن ۾
چهرو سرخ ٿيو فِقرن جو
بيزبان وڻ لڏندا لڏندا رهيا
هوا جي دستڪ ٻڌائيندي رهي
دل جو حال
وري کُهنيو آهي ساه مون آواري جو
لفظن جي ترتيب ۾ معنيٰ جو
مونجهارو آهي
چانديءَ جي مڇي ٻَرڪائي ويئي آهي
ريشمي وراست

ڪشميري ۾ مُول : رفيق راز، سرينگر

ريشمي شاهڪار

ڳوٺ ۽ شهر تي ويا بي نُور
بي زبان وڻ بينا هئا ويڳاڻا
پڃي ويئي هئي هوا
سرءُ بہ نہ مڙي ڏنو ڪڏهن
بوسيده پنن جا نہ ٿهيا ڍڳَ
پڳس جهنگل ڏانهن
گُهٽجي رهيو هئو ساهہ
مان نہ چريو هوس، نہ مست
بس، جاڳيو جنون جهنگل گهمڻ جو
ساڻ آڻڻ جي لاءِ ساوَڪ جا ترورا
تازي هوا سان پريل ڳنڍڙي
جهنگلي گُلن جو رسُ چوُسڻ لاءِ
پٽڪندو هوس هيڏانهن هوڏانهن
ماکيءَ جي مک وانگر
پڳس جهنگل ڏانهن
گُهٽجي رهيو هو ساهہ
نهاري رهيو هو
گُل جي ڪشش سان ٻڌل پکي
منهنجيءَ چهڪ کي مليو نئون رنگ
ٿڌي تي اَجل کان پڙڪيل باهہ
نديءَ جي ڪناري تي ويهي
مدت کانپوءِ ختم ٿيو منهنجو ونداس

وتستا ندي سوڙهي ٿي ويئي
پاڻيءَ جي وسيلا ڄمي ويا
جهرڻا سُڪي ويا
ڍل جهيل ننڍڙي ٿي ويئي
وُلر ۶ کي جهوليءَ ۾ پري
ڪٽي ويا جوڳي
اسانجا آکيرا اُجڙي ويا آهن
اسين ڪيڏانهن وڃون؟

○

هڪ بُلبُل چيو :
ٻُڌو، منهنجي ڳالهه به ٻُڌو
وڻ ڪٽيائون، جهنگ لُٽيائون
ٻنين ڪيتن ۾
گهر ئي گهر تامير ڪيائون
باغن ۾ ميوَن تي
لپيائون زهر
هوا ۾ ملايائون ٻوساٽ
ڪيڙا ماڪوڙا مري ويا
اسين هاڻي ڇا کائون؟
اسين ڪيئن جيئون؟
اسانجي رهڻ لائق جڳهه نه بچي آهي
اسين ڪيڏانهن وڃون؟
ڇا ڪريون؟

○

پکين جو جلوس

ڏکيل پکين
بين پکي پائرن کي سڏ ڪيا
هرمک[1] کان نيلناگ[2] تائين پڪار جي گُونج پهتي
۽ سيئي هليا آيا
پيڙ لڳي
ڇهڇتو جاڳيو
ڪونجار جا سُر بُلند ٿيا
هڪ جلسو نڪتو پکين جو

اڳهاڙي ديش ۾ جلوس رکيو
وڏو جلسو ٿيو
تقريرون ٿيون
مئنا چيو :
ٻڌو توهان سيئي
وقت وري بدلي آهي چال
پير پنچال[3] کي منديئڙو ٿاهي
اڳهاڙي پربت تي‌نوڙي ٻڌي ويئي
ستيسر[4] کي وري کوٽيو ويو
تري کي ٻه چليو ويو
اُن مانَ نڪري آئي راڪاسن جي سنتان
راڪاس وري قُدرت تي ويا
ڪشيپ[5] جي چپن تي ٻه زهريلي مُرڪ اُيري

اسين هت هن باغيچي ۾ ئي رهنداسين
درگاهه چرار-اي- شريف' ۽ حضرت بل' تي
عقيدت جا گل چاڙهينداسين
ديويءَ جي مندر ۾ هري پربات ۾ شريڪ ٿينداسين
وري پاڻي ڦٽندا جهرڻا
۽ گجندا وسيلا
وري گُل ڪِڙندا
بسنت جي هوا وري نچندي هر طرف
۽ اسين ڳائينداسين

١. هرمک = ڪشمير جو مشهور پربت تيرٿ آستان
٢. نيلناگ = نيلناگ جي راجڌاني، پاڻيءَ جو مشهور وسيلو
٣. پري پنچال = پارت جي ميداني علائقن کان گهاٽيءَ
کي جدا ڪرڻ واري هماليه جي پربت شرنکلا
٤. ستيسر = ڪشمير جو پراڻو نالو، جڏهن اُتي سروَر هو
٥. ڪشيپ = ڪشيپ رشي
٦. وُلر = مشهور جهيل
٧. چرار-اي- شريف = نند رشيءَ جي درگاهه
٨. حضرت بل = درگاهه جتي حضرت جو پوتر وار آهي

ڪشمير ۾ موُل : غلام نبي آتشا

پشپ پکيءَ چيو :
ٻڌو، ڏيان سان ٻڌو
جڏهن ٻہ ڦاٽندا آهن
مان ڌهلجي ويندو آهيان
بارُود جي دُونهين سان منهنجو ساهہ
ڦولجڻ لڳندو آهي
مانگهہ جي ٿڌي هوا
گُلن جي باغ کي لتي ويئي آهي
رشي ڦلواڙي گندلي ٿي ويئي آهي
پيرن جي ڌرتي کِن ڪچري ۾ بدلجي ويئي آهي
اسانجي رهڻ لاءِ جڳهہ نہ بچي آهي
اسين ڇا ڪريون؟
ڪيڏانهن وڃون؟

○

پکين جي راجا چيو :
ٻُڌو، ڌيان ۽ ڌيرج سان ٻُڌو
پيرن جي ڌرتيءَ مٿان پيرن جو هٿ آهي
رشين جي ڌرتيءَ تي
ديوين ديوتائن جي آسيس آهي
لليشوري ۽ نند رشي جي مهر آهي
سپاٽي جي اُميد
نٿو کسي سگهي ڪوئي اسان کان
اسين گم نٿا ٿي سگهون
اسانجي دولت
اسان وٽ رهندي

تارن جي روشنيءَ ۾ اڄ چمڪي رهيو آهين
تنهنڪري سڄ جي تيز روشنيءَ ۾ بيٺل
شخص جي حالت ڄاڻڻ ڪان لاچار رهيو آهين تون

خراب حالت !
خراب حالت جي تصوير کي اُبتو ڪري ڏنو آهي تو
تنهنڪري توکي لڳو ته هت سرڳ جا سُک آهن
تنهنجي زمين جي سرڳ ۾
مهانگائي اِنسان کي چيڙائي رهي آهي
تڪليفون ڏُکويلن کي پيڙهي رهيون آهن
ءُ چا چئجي سائين
تون سنان ڪري رهيو آهين اَمبرت سان
ڪرڻي پوندي توکي اي خوشنصيب شخص!
توکي پنهنجي فرض جي شناخت

تو مانڊيءَ جو نقشو مٽيو آهي
سندس ڪُک مان هاڻي اُهي سُريلا گيت نٿا نڪرن
جيڪي صدين کان اسانکي ريجهائيندا هئا
مانڊويءَ جڻ چيڙائي ٿي عام ماڻهوءَ کي
پاڪ جل سان مانڊوي ناپاڪ راند ڪرڻ لڳي آهي
اَڄ مانڊوي ڏاڍا سينگار ڪيا آهن
مانڊويءَ بيحد ناڻي واري ٿي ويئي آهي
نه ڄاڻ ڪنهنکي ٿي ڪارائي ڪمائي
ڳوٺ ڳوٺ ۾ 'ڳُهمٽ' وڃائڻ وارا
ٻڌل نظر ٿا اچن
اَسِمتا جا وارث
ٽڪل نظر اچن ٿا
پُرکن جي زمين هٿن مان کسجندي ٿي وڃي

مانڊويءَ جي ڪنڌي تي هلندي هلندي

مانڊويءَ جي ڪنڌي تي هلندي هلندي
اکين آڏو
تعجب ۾ وجهندڙ نظارا اُڀرڻ لڳا
مان ضامن بڻيس عجيب آزمودي جو
عقل چرخ تي ويو
۽ سيني مان اُڀرندڙ صدا پُڪاريو

جنهن يُگ ۾ تون ڄائو آهين
آهي بيحد مهان
ڪرڻي پوندي توکي اي خوشنصيب شخص!
پنهنجن فرض جي شناخت

هيءُ يُگ پريل آهي سهوليتن سان
تون آزاد آهين هن يُگ ۾ خاص بڻجڻ لاءِ
پنهنجي سُسِيل فطرت ڇڏي
اوڙو پاڙو هڪ ڪرڻ تي ڏيڻو پوندءِ ڌيان
ڪرڻي پوندي توکي اي خوشنصيب شخص!
پنهنجن فرض جي شناخت

هوا کان بہ وڌيڪ تيز رفتار سان
ڀڄندو رهيو آهين تون
حق حاصل ڪرڻ لاءِ
خودغرضيءَ کي ڇاتيءَ سان لڳائيندو رهيو آهين تون

ڳالهه ٻولهه

سمورو وڻ ڪڏهن ڪڏهن
لهي ايندو آهي منهنجي ڪوٺا ۾
ڏکي ويڪري آسمان کي ڇهندي
ڳُونگو وڻ
ڳالهائڻ لڳندو آهي مونسان
۽ ڇهي وٺندو آهي منهنجي هردي کي
ڦٽندو آهي سَلو وڻ مان مُڪڙيءَ وانگر
مخملي نازڪ ننڍڙن پنن جو
سلي جا پيلا چپ
کُلڻ لڳندا آهن ڳالهائڻ لاءِ خاموشيءَ سان
۽ سَلو پنهنجي سائي ڳاڙهائڻ سان گڏ
داخل ٿيندو آهي منهنجي جسم ۾
وٽن جون پاڙون ٻه
چار وانگر ڦهلجي وينديون آهن منهنجي اڱڻ ۾
۽ ٿتولڻ لڳنديون آهن مونکي اندران ٻاهران
پيهي منهنجي جسم ۾
وڌندو رهندو آهي وڻ
ڇيتنا جو وسڪارو بڻجي
اڳتي هلي مان ئي بڻجندو آهيان وڻ
ڦهلڻ لڳنديون آهن منهنجون پاڙون

ايندڙ وقت ۾ مٿو لڪائڻ لاءِ
چت جي چنتا بيحد ستائي رهي آهي
جواني کوهڻ کان اَڳ ۾
خراب خيال ۾ ڀٽڪيل دِشا بدلي چڏ
سمجهي وٺ اسان آهيون دنيا ۾
ڪجهه ڏينهن جا مهمان
ڪرڻي پوندي توکي اي خوشنصيب شخص!
پنهنجن فرض جي شناخت

هن مهان يُگ جا مالڪ آهيون اَسان
مهانتا جاڳڻ پريل آهن اسانجي نس نس ۾
هيرن موتين جهڙي دولت کي ڇڏي اسان
ڀٽڪي رهيا آهيون هيڏانهن هوڏانهن

يُگ جي رفتار سان گڏ ڏينهن ٻه
ڊڪي رهيا آهن ساڳيءَ طرح
اِن ڊڪ جي دِشا بدلڻي آهي اسانکي
هر ٽڪل اِنسان کي
خوشين جي هندوري ۾ جُوهلائڻو آهي اسانکي
ياد رک! هڪ نه هڪ ڏينهن اسان سڀني کي مرڻو آهي

مُول ڪونڪڻي ڪوتا : يُوسف اي. شيخ جي لکيل
’ماندوي ڊيگر چريتر چولتر‘

چلهہ

آلن هٿن سان
هوءَ ٺاهي رهي آهي چلهہ
سندس آڱريون
اُڪري ٿيون اچن
اُن آليءَ مٽيءَ تي
ڏسي ٿي پيار سان
چلهہ ڏانهن
سندس صبح ٿيندو آهي
هميشهہ
فوڪٽيءَ جي
ڦوُن ڦوُن جي آواز سان
پنَ ۽ ٺاريون
سڙي رهيون آهن
تڏهن ئي نصيب ٿيندا آهن
پاتل تي چانورن جا داڻا
گذريل ڪيترن ئي سالن کان
سندس ڏيئرون
وجهنديون ٿيون اچن
ڪاٺيون چلهہ ۾
۽ جاڳائينديون ٿيون اچن
چلهہ ۾ باهہ
چلهہ جي سوجهري ۾

ڳهري زمين ۾
۽ مستڪ مٿي آسمان ۾
ڳالهيون ڪرڻ لڳندو آهيان مان سڄ سان
آدي اَنادي ناتن جي منت ڪندي
ٿڌڙا ڪيڏندو آهي سڄ مونکي پنهنجي ڪڇ ۾ کڻي
مان سمجهي ويندو آهيان هنجي ٻولي
۽ ڳالهيون ڪرڻ لڳندو آهيان هن سان
پنهنجائپ سان

مُول ڪونڪڻي ڪوتا : ڳالهه ٻولهه
(هانوَ اُلئتام)
مُول ڪونڪڻي ڪوي : تُڪارام راما شيت

ڪيترن سالن ڪانپوءِ

ڪيترن سالن ڪانپوءِ
اچي بينو آهيان
تنهنجي اڱڻ ۾
هڪ ڪوتا پڙهڻ ڏيندين مونکي؟
ڪيترن سالن ڪانپوءِ
ياد اٿيئي؟

پڄائي ڇڏيو هو تو مونکي ڪوتا ٻڌي
ننڊپڻ ۾
چند ٽڪڻ جو ڏنڊ
ڪيئن پريو هو مون نچڪيت،
ياد اٿيئي؟

منهنجي ڪوتا ۾
هِت هڪ ٻڙ جو وڻ هو
هُت ٻُچِڪُن بابا جو دروازو هو
هِن پاسي تلاءَ جي ڪناري
ڪکن ڪانن جو جهنگل
هُن پاسي رستو لَبتوليا جو
اولهه ۾ انب جو ٽڏو باغيچو
نه ڄاڻ ڪيڏانهن ويئي منهنجي گئوشالا؟

ويم واري جڳهه جو ته نالو نشان ڪونهي
جتي جاوا هئاسين اَسان سڀ

هڪ هٿ سان ڪنديون آهن
اڪرن جو اڀياس
ٻئي هٿ سان رڪنديون آهن
ٻاسڻ
ٿفن ٺاهي ڏينديون آهن
گهر جي مردن کي
پنهنجو ٿفن بہ لڳائينديون آهن
پاڻ
ڊڪون پائينديون آهن
گهڙيال جي سئيءَ جي رفتار سان

هينئر هوءَ
ڏاڏي ٻهادر ٿي ويئي آهي
دونهون پريل صبح
مٿجي ويو آهي
پٽ جي هٿ ۾ بہ هن
ڏني آهي ڦوڪڻي
ننهن سان گڏ هينئر
پٽ بہ ٻاهه ٿو ٻاري چلهہ ۾
۽ ٻئي گڏجي ٿا ٺاهن ٿفن.

ڪونڪڻي ۾ مول : هرشا شيٽيي

اُڏمسنگهہ جا ٽن ڪهوڙن تي ڪرتب
يا اٿيئي؟

سونورشا مان آيل ٽي هاٿي
ڪيئن ڳوٺ جي مهيسرا وارون پي ڌمال ڪيو
۽ چوڪريءَ وارن موقعي جو فائدو ونئي
مارڪُٽ ڪئي چوڪري وارن سان

منهنجيءَ ڪوتا ۾
ڪيترا ئي مهنا
يا شايد پورو سال
ڪارائڻ لاءِ ڪجهہ نہ هئڻ سبب
اُداس هئي منهنجي ماءُ

هُن وٽ ٻارن لاءِ ڪپڙا ۽
مندر ۾ ڪٽي وڃڻ لاءِ ڦل بہ نہ هئا
منهنجيءَ ڪوتا ۾
هاڻي نہ ڄاڻ
ڪيترن سالن کان پوءِ
اَڃي ٻينو آهيان
تنهنجي اَڱڻ ۾
هڪ ڪوتا پڙهڻ ڏيندين مونکي؟

مؤل مئٿلي ڪوتا : ڊاڪٽر اُدينارايڻ سنگهہ

ڪيڏانهن ويئي سگما واري ڏاڏي؟
ڪيئن نيسارجي ويون يادون؟
بئلگاڏين جو ناهيل پيچرو
ٿاٽ جي اوٽ ۾ نوورٽين
جون گهونگهٽ ۾ لڪل اکيون
سِمِري بختياپُر ڏانهن ويندڙ رستو
ڪيترن سالن کان پوءِ
ياد اٿيئي؟

منهنجيءَ ڪوٺا ۾
لگما ڏار مان ايندو هو کير ۽ ملائي
سوها مان پيري پنڌ ايندو هو ماستر صاحب
حساب جو ڪتاب سهرسا مان
سالن جا سال بند هئي تالي ۾
پگوتيءَ جي مُورت گوٺ جي مندر ۾

منهنجي ڪوٺا ۾
بزار طرف وڃندي هئي
اُتي جي چڪيءَ جي پيپاري
نہ ڄاڻ ڪيئن بوڏ ايندي هئي
گهٽ پاٽيءَ واريءَ تلابي ۾
۽ بيڙيءَ واري ڪيسري ڪاڪا کي ڪمائي ڪري
ڪيئن وري ويندي هئي سُڪي؟
ياد اٿيئي؟

براهمڻ ٽوليءَ جو رستو
گارگند ڪندڙ رؤتا مان آيل ڄاڄي
جنڪي ريجهائڻ هو ڇوڪرين کي پنهنجي ناچ سان

گيتن جو گيت

هوُ شهرن کي ڇرڪائيندو هليو ويو
بڪڙيل هڏيون
سندس منزل نہ بڻيون
نہ ئي پٿر سزا ثابت ٿيا

هڪ طئہ شدا فاصلي کان
هر شهر سندس پهونڪڻ بڌو
هر نهر سندس گهج سان پرجي ويئي

جو تہ ديهہ ۽ آتما جي وچ ۾
ڪو فرق نہ رهيو هو
هوُ لنگهي ويو
نراڪار
چڻ ساکيات رفتار هجي

آئيندي جا سنياسي، سمجهي چڏ
هڪ ڏينهن هيءُ سفر ختم ٿي ويندو
ڪڇري جي ڊير جي چوٽيءَ تي

ناسن جو چار
جيڪو هڪ طرف کوندڙ وچ کي
پکيڙي رهيو آهي
اُن ڏينهن هڪ اڪيلي تار جيان
گونجندو

آسمان ڪليل آهي مون لاءِ

ساهه ڦندڻي رهيو آهي منهنجو
منهنجي ڦڦڙن ۾ نئي ٻهچي
گهربل آڪسيجن

پنهنجي ڪِل ۽ رودن
ترجمو ڪري ظاهر ڪرڻ جي بي وسي
ساهه ڦندائي رهي آهي منهنجو

چوڏهيئن صديءَ جو سُورهيائي گيت
منتر وانگر جپڻ
۽ خوشيءَ ۾ نہ ماپڻ
پسند نہ آهي مونکي
موتڻ چوڏهيئن صديءَ ۾
جيڪڏهن ٿي سگهي ممڪن
پسند نہ آهي مونکي

زهر اوترو نہ آهي هوا ۾
جيترو ڪڏهن هوندو هو
آسمان ڪليل آهي منهنجي لاءِ
جيترو ڪڏهن نہ هوندو هو

مُول مئٿلي ڪوتا : نارايڻ جي

منهنجي منڙي ماءُ

پهاڙي مُکيءَ جي ڌيءَ
پهاڙي ٻنن جيان سانتيڪي
آسمان جيتري اونچي ۽ پربت جيڏي ڳنڀير
آد ماءُ ڌرتيءَ جهڙي ڌيرج واري
منهنجي پهاڙي ماتا!
مٿو ڪيڙي سان ٻڌي
چيلهه تي مضبوطيءَ سان ڪپڙو ويڙهي
اُگهاڙي پيري
ھَن ڪنڌن پريا پهاڙ اورانگهيا
پٺيءَ تي وزندار ٽوڪري ڍوئي
لاهيون چاڙهيون طئہ ڪندي
هڪ ڪان پوءِ ٻي پهاڙ کي جهاڳيندي رهي هوءَ
چڙهندي لهندي رهي پهاڙ-در-پهاڙ
هلندي رهي ڪائينما پهاڙن تي آهستي آهستي
اُتان آڻيندي رهي روزمره جي اِستعمال لاءِ پاڻي
ڏورانهين ٻنين کي
سمُورو کيڙيندي، سار سنڀال لهندي
جهنگلي سوُئرن ۽ باندرن کي ڀڄائيندي رهي
اُپا ساهہ کڻندي، ٽڪل ٽڪل
وڳي جي ڪنڌ سان ڀگهر اُگهندي
ور ور ڪري ڪائينما پهاڙ چڙهندي رهي
منهنجي منڙي پهاڙي ماءُ!

هو آخر سر کي پاڪر پائيندو
پيسي ڇڏيندو ۽ وسقوت ۾ بدلي ڇڏيندو

تنهن ڪان پوءِ
ڌرتيءَ جي ڪچري جو ڍيرُ
جنم ڏيندو ندين کي
جيڪو ٻوڙي ڇڏينديون سرڳ ۽ نرڪُ
پريم جي فوج، سموري اُگهاڙي
بڻجندي سندس پهريدار

اهڙو ڪجهه به جيڪو چريو نه هجي
هٿ نه اچي سگهندو اندر

مول ملميالم ڪوتا : شري اَنوَر

اَسانجي لوڪتاڪ

لوڪتاڪ لوڪتاڪ لوڪتاڪ
تون اسانجي آتما آهين زندگي آهين
اَسانجو غرور آهين
هزارن سالن کان
تون بيني آهين
پنهنجين وشال ڦهليل ٻانهن سان
اَسانکي ياکر ۾ يري
لڪين غريبن لاءِ تنهنجا فراخدل وستار
اَجهي ۽ روزگار جا وسيلا رهيا آهن
ٿانجِنگ ديوتا جي اڱڻ ۾
مستڪ تي اَڌ چنڊ مثل
ريشمي وارن وارين نؤجوانڙين جي
ماٿيٽي تال ۾ کيل لِئِما ناچ سان گڏ
جهوليندي تون نچي هئين
اَسانجي پياري لوڪتاڪ ڍنڍ
سچ پچ تون اسانجو آئينو آهين
تنهنجين پوتر نوَن اونهين ٻانهن ۾
پڙاڏا پئدا ڪيا هئا موئِرانگ ڪَنلئرول جي
ستن اوتارن جي گيتن
پينا جي مني سُر ۾
کُلنگ اِشي جي تال ۾
مهان ڪوي مَئدنگول جي شئليءَ ۾
تونوُ لائِرنليمي ڪلين ٿنجهنب جي

هڪ ڏينهن مون پڇيو :
منهنجي منڙي پهاڙي ماءُ!
پٺيءَ جي ڊويل تنهنجي ٽوڪريءَ ۾
ڪهڙيون شيون آهن؟
ڪهڙو سامان آهي
تنهنجي پٺيءَ تي رکيل ڳنڙيءَ ۾؟
ڏيکار مونکي هڪ دفعو!
هڪ پل لاءِ به هُن ٽوڪريءَ کي
پنهنجي پٺيءَ تان هيٺ نہ لاٿو
فقط ٽوڪريءَ کي ڪجهہ جهڪايائين،
ڏس!
مون بيتابيءَ سان ٽوڪريءَ ۾ جهاتي پاتي
ٽوڪريءَ ۾ هو سندس بيڊڙو خاوند
ٽوڪريءَ ۾ هو سندس نوجوان پٽ
مُون تعجب وچان پڇيو،
هي ڇا آهي اَما؟
هن مونکي گهُوري ڏٺو
آهستي آهستي آکيائين :
جيڪڏهن مان نہ ڍويان
تہ ڪيئن گهاريندا هي زندگي؟
هڪ ٻُڙڪ ٻولي بنا
رواني تي ويئي تنهنڪان پوءِ
ساڳِن ئي پيچرن تي
آهستي آهستي شانائتي نموني
منهنجي منڙي پهاڙي ماءُ!

مڻيپوري مُول : اَئِگي پالم نُنگسِبي

تون بيلي آهين كمزور سُسِيل تكل
كٽي پنهنجي گرب ۾
گندگيءَ ۽ ڪچري جون ڳوٿريون
ٿُهليءَ ڦمديءَ جون تهون
تنهنجي ڇهري کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن
اَهڙي نموني ڏسندي ڏسندي تنهنجي ڇهري کي
اَسان به وسارڻ لڳاسين
توکي وسارڻ
پنهنجو پاڻکي وسارڻ آهي
توکي ڪلنڪت ڪرڻ
وڏي ڀُل آهي اسانجي زندگيءَ جي
لوڪتاڪ، لوڪتاڪ
پياري اَملهه لوڪتاڪ
تون اسانجي زندگي آهين
آتما آهين
اَسانجو غرور آهين

مؤل مٽيپوري ڪوتا : اَئِڪوئِڳي ڪَتاڪ

ڪويتري : شريمتي مورانٿيم ورڪنيا

ٻوڙهين جي ڳجهارت
مڇيون پڪڙڻ جي ڄڳهه ڪيون ڊيب ۾
لائوب ڪونوُ جي دل ڪانڊاريندڙ ڪهاڻي
ٿمنڪون جي ڪناري
جتي قسم ڪٽي سوني هار جو پاڻي پي
سدا حيات ٿيڻ وارن
ڪمب دوئِبي جي پريم ڪهاڻيءَ کي
پنهنجي پلوَ ۾ اَڄ به لڪائي رهي آهي
مضبوطيءَ سان ٻڌي پنهنجي ڳنڍ ۾
ٿانگ جي ڦلن جي باغ ۾
ڪرانگ جي باغيچي ۾
رهاڻ ڪندڙ ڪِواڪِتا جي ٿڌيءَ هير ۾
آهستي آهستي گهمندي
مُهاڻن جي زندگيءَ جي گيت کي
مٿي ڪٽي رهيا آهن تنهنجي آسمان ۾
هُپنوءَ هانوءُ وانوُ چارا ۾
هئِڪَڪ يبللي ڪَمبون جي وچ شرڻ ورتل
اُٿُم جي آواز تي ’تُم تُم‘ جي تال ۾
لَمڱانُ اُموُ اُريمبي پاڻيءَ مٿان اُڏامندي
ڪهاڻي سُهائي رهي آهي ايندڙ ٿهيءَ کي
سينڌا پهاڙ جي پاسي ۾ اُڏامندڙ ٻگهه
چانديءَ جهڙن اَڇن پرن ڪان ڦَر ڦَر ڪري
ٿڌيءَ هوا جي لهرن ۾ ترندي
پياري لوڪتاڪ
تنهنجي ڪهاڻي سڻائي رهيا آهن
گُم يادداشت واري اِنسان ذات کي
ڪيترن سالن کانپوءِ اَڄ

ڪجهه پلن لاءِ بڻجي ويو آهي ٻُڌُ
گوتم ٻُڌُ
پر ڏسان ٿو
ٻوڏي وَڻ واري ويران جهنگل ۾ وينو آهيان پتڪائيندڙ
ڪوهيڙو
پريان اچي رهيو آهي ڪوئل جو دردیلي غزل جو آواز
شايد اِنتظار ٿي ڪري پنهنجي پريتم جو
ٻوڏي وڻ جي ٻن پنن تي وينل ماڪ جا ٻه ڦڙا
هڪ ٿي ويا آهن
طوفان ۾ رڪسُ ٿا ڪن گڏجي ٻه گُل
تارين تي ڪوليون خاموشيءَ سان ڳالهائين ٿيون
۽ هليون ٿيون وڃن ساڳئي رستي تي
ٻه پکي نڪتا آهن گڏ آسمان گهمڻ لاءِ
برسات کان پوءِ نچڻ لڳو آهي مور
سامهون مورڻيءَ جو خوبصورت چهرو ڏسي ڪري
ايترو سڀ ڏسڻ کانپوءِ
مان ٻُڌ سڌارت بڻجي ويو آهيان
۽ موٽي گهر آيو آهيان
هاڻي پنهنجي گهر جي بند دروازي جي سامهون ويهي
جپي رهيو آهيان
’آهنسا پرمو ڌرم،
سڀني سان پيار ڪريو.‘

مُول نيپالي ڪوتا : منوج بوگتي، لوئر چيبو،
ايل. بي. روڊ، ڪلمپانگ

پَلَ جو ٻُڌُ

جيئن ئي زور زور سان وڄڻ لڳي ڇُري
۽ ٻاسڻ رنڌڻي ۾
نڪرڻ لڳي چلهه مان ٻاهه
۽ دُونهون ساڳئي وقت غصي سان
مان سُکل هڪ پَنُ
نڪري ويو آهيان گهر کان پري
ٻاهه کان پري

ڪجهه پلن لاءِ ئي هونديون آهن طوفان جون لهرُون
ڪجهه پلن لاءِ ئي هونديون آهن ٻاهه ۽ اُنجي تپش
ڪجهه پلن لاءِ ئي ڪندو آهي پاڻي سمنڊ ۾ تانڊوَ
ڪجهه پلن لاءِ ئي ايندو آهي غصو ڏنڌ کي
جڏهن ڪرندو آهي پٿر

هن وقت جيڪڏهن ڪجهه وڌيڪ بيهي رهان
ته مان سڙي ويندس
اِتمينان ۽ لڪيل پريم پتر به سڙي ويندا
سڙي ويندو منهنجي عشق جي نائڪا جو نالو
هن لاءِ لڪيل اکر
سڙي ويندو گهر
۽ خوشيون

ڪجهه پلن لاءِ ٻڌجي ويو آهيان مان سڌارت
ڪجهه پلن لاءِ ڇڏيو اٿم گهر

نوي سال جي پوڙهي
جو هڪ سوال

تون بندوق کڻي آئين
مون پنهنجو جوان پٽ ڏنو
تون برڇو کڻي آئين
مون پنهنجو گهر جو ٻار ڏنو
تون باهه کڻي آئين
مون پنهنجو محل ڏنو
جهوپڙي ڏني، باغ ڏنو، باغيچو ڏنو

تون ڏوڙ اُڏائيندو آئين
مون نئين جواني ڏني
ماضي ڏني، حال ڏنو
ڪجهه نه رکيو پنهنجي آئيندي لاءِ
مون اِتهاس ڏنو

هاڻي
منهنجي نئينءَ نهيءَ جي ٻارن
پوٽن، پرپوٽن جي لاشن جي وچ ۾
بيٺل نوي سالن جو مان
هڪ پوڙهو شخص

تون وري آيو آهين
مان توکي وري ڇا ڏيندس

وقت ۽ مان

وقت
نہ هوندو آهي وقت ظالم
نہ ئي هوندو آهي ديالو
ساڳُ سمجهي رهيو هو وقت کي
هڪ ڏينهن وقت منهنجي پير جي تريءَ کي پڪڙيو
ٿپو ڏيئي ڳوڏو پڪڙي وڌيو مون ڏانهن ۽
پيٽ سان ڳڌ خالي ٿيو اَحساس
خاموش رهيس
پوءِ وقت خم ٺوڪي
ڇاتيءَ تي چڙهي خوشيءَ جو اِظهار ڪيو
آڪڙائي ڪنڌ
ڳونڃائي ڪنن ۾ پنهنجو رُتبو
وقت منهنجي اکين کي
چڪاچوند ڪرڻ چاهيو
پر مان خاموش رهيس
تنهن کان پوءِ
وقت منهنجي دماغ تي پهتو
مونکي احساس ٿيو، وقت اِنتظار نہ ڪندو آهي
هاڻي وقت ۽ مان هڪ هٺاسين
مان وقت ٻڍيس، وقت مان ٻڍيس
مان ٻُڍُ ٻڍيس، وقت ٻُڍ آهي

مُول نيپالي ڪوتا : مهيش دهال

ديدي

اکين جي ڪناري تي ڪاجل تي لڳائي
ڪوئلي جي مٽيءَ سان
۽ مستڪ تي چپڪائي تي
هڪ اُس

نہ چاڻ ڪهڙي خواهش آهي هيءَ هنن جي
ڇوڪري نهڻ جي

سنسار جي سڀ کان طاقتور ديدي
جيڪا ٻن درجن ٻڪرن جو ٿانءُ
اڪيلي ٻهاري ڇڏيندي آهي
جيڪا وڇڙن وارين ڇئن ڳائنين کي
ڳاهہ آڻي اڪيلي ڪارائي ڇڏيندي آهي
سنگ جا داٽا ڳيٽهڻ لاءِ
پاڻيءَ جي گهرج بہ نہ پوندي آهي جنهنکي

ديدي ڪڏهن ڪنهن کان نہ ڏکي آهي
ٻجندي آهي فقط هڪ 'الف' کان
بس هڪ 'ڪکهري' کان

اُس کي ئي مستڪ تي چپڪائڻ واري ديدي سان
ڪوئي بہ بتميزي يا ڇيڙ ڇاڙ نٿو ڪري
ڪا باهہ نٿي رکي همت نظر ملائي ڪيس ڏسڻ جي

پنهنجي ڇاتيءَ ۾ لڪائي رِکيل
ڪجهه پيار
ڪجهه وشواس

هي ظلمي ياءُ!
هلاءِ پنهنجي بندوق

۽
جڏهن گولي هن پوڙهي جي ڇاتيءَ تي
پار تي
پنيءَ مان نڪرندي
۽ مان زمين تي ڪرندس
ڇا تون چئين سگهندين
تنهنجي بندوُق هلندي تڏهن
ڪنهن ڪنهن جي ڇاتيءَ تي؟

موُل نيپالي ڪوتا : ياڀي لعل ليميڇاني
سال باڙي، سليگُڙي

جلاد

تون ڪڏهن سگهين ٿو منهنجون اکيون
نيري، سائي، ڳاڙهي رنگ ۾ بدل
پر ڇا ڪندين تون اُنهن اکين جو
پڪل ڦل وانگر ڪائي ويندين
اُنهن کي ڇهاڙي؟
نہ ڏسي سگهندين اُنهن نظارن کي
جيڪي هزارين سالن کان ڏٺا آهن
هنن اکين
ڇا تون ميٽي سگهندين ڳهٽيل ائڻ ڳهٽيل جا
سپ ڊيڄاريندڙ پاڇا؟
تون ڪٽي ڪٽي وجي سگهين ٿو
جيڀ ۽ چپ منهنجا
ڦٿڪندڙ، زنده
ڪٿي ڦٽي ڪندي اُنهن کي؟
ڪنهن نديءَ يا ناليءَ ۾؟
ڪڏهن نہ سمجهي سگهندين تون
اُنهن چپن مان نڪتل سُر
ڪروڙن اِنسانن جي جيئڻ جا سُر
لُٽي سگهندين ڇا اُنهن جي ڇُرپُر؟
تون ڪٽي سگهين ٿو منهنجو هٿ
جنهجون آڱريون آهن
سرسبز ساوَڪ

جنهن جهنگل کي کاڏو باهه
تنهن جهنگل ۾ بيڏڙڪ هلڻ واري ديديءَ جي ڪُڙيءَ کان
ڊڄندو آهي ڪنهن به طرح جو بدماش ڪندو
جڏهن ٿيندي آهي رات
نه ڄاڻ ڇا ٿي ويندو آهي ديديءَ کي
’اي‘ کي ڏسي ڪري ڪنبڻ لڳندي آهي

’اي‘ کان، جيڪو پٽڪڙو هوندو آهي
ٻڪريءَ جي ننڍڙي ڇيلي جي ڪن کان به
هڪ ڏينهن ديدي پير ڦٽي ڪري اڪيلي رُني
روئاريائين اسان سڀني کي

ڇو ته
ڪنبڊڙ هٿن سان جيڪو اکر ديدي لکي سگهي هئي
اُهو هو ’يا‘

پوءِ اُن ۾ جوڙي ڇڏيائين ’ته‘
ڇو ته ديديءَ کي بُک لڳي هئي
ڏاڍو پوءِ وچ ۾
هن جڏهن وڌو هو ’ر‘
اُن وقت نه ڄاڻ ڪيئن محسوس ٿيو هوندو ديديءَ کي

مؤل نيپالي ڪوتا : منوج بوگتي، لوئر چيبو،
ايل. بي. روڊ، ڪلمپانگ

ٽوڙ مٽيءَ جي ڪوٺا

جنم جنم جو لاڳاپو مٽيءَ سان اسانجو
جنهنجو ٺڳاءُ اڃي
ويھي رھندو آھي اسانجي دل ۾
پنھنجن نظر نہ اچڻ وارن پرَن سان
اُنجو جادوئي سُر
جاڳائيندو آھي آسان کي
وقت جي گهري ننڊ مان

تعجب جي ڳالھ آھي
تہ روايتون متجي رهيون آهن تيزيءَ سان
اسان گذاريون ٿا پنھنجو وقت
نفعو ۽ نقصان ڳڻڻ ۾
بيچئن دماغ رذل ٿو رھي
دنيوي ڪھاٽيون اُٽڻ ۾

درندا چٽي ويا آھن ملائي
ھنن برباد ڪري ڇڏيو آھي
لڳاپن جو فصل
خوشي ۽ شانتي

اُھي ڏينھن ودا ٿي ويا آھن
جڏھن لاڳاپو ۽ احساس مٽيءَ جو
ھوندو ھو ضروري
ھاڻي گهريلوُ جانوَر ۽ پکي
مرن ٿا اسانجي لاپرواھيءَ سبب

جنهن ۾ روم روم مان ٽميو آهي
صديءَ جو لڪل پگهر
تہ جيڪو ڪاڏو آهي
جيڪو پاتو آهي
اُهو سڀ پئدا ڪيو هو هنن هٿن
ناهيا هئا ڳوٺ، شهر، تهذيبون
اُنهن هٿن کي ڪٽي
ڪٿي رکندين تون؟
جيڪي مٽي ڪَچي رهيا آهن
اَڻ ڪُٽ اِنقلاب ڏانهن
جيڪي آهن هوا ۾ لهرائيندڙ
اناج جو ڏڻ
ڇا مان بڻجي ويندس
اَنڌو، گُونگو، لولن جو هڪ ديش
اُن وقت ڏاريندي تون
کهڙي جلاد جو ويس؟

مُول اُڙيا ڪوتا : آسُتوش پرڙا

برسات

پنهنجن ئي ماڻهن کان هارائڻ جهڙي
احساس جو
ٿڌي هوا جو هڪ جهوٽو
لونڊڙين کي ڇُهي اوچتو وهي ٿو وڃي
تکو تڏهن به
اُن تڪاڻ کي سهي ٿو سگهجي

صحت مرڪز جي سامهون بيٺل وڻن جا پَن
ڏُڏن ٿا
صابڻ جو اُڏامندڙ پوش
کير وڪڻي موٽندي ڇوڪري جي سائيڪل جي
ڦيٿي ۾
اُلجهي ڪري موڙ ۾ اچي ڏماڇوڪڙي ٿو ڪري

اچا چاليهہ پنجاهہ قدم اڳيان وڌڻ ڪانپوءِ
ڏسندي، آسمان ٿي جُڪو آهي
آنند سان لبريز
وڄ جي چمڪات سان

اِئين ئي شروع ٿيندي آهي هر ڳالهہ
تون ڪنهن اِنجڻ کي چالوُ ڪر يا ڪر پيار
اڻ جاتل لڳندڙ ڪا نامعلوم لرزش
پيدا ٿيندي ئي
تون پنهنجي سونديِن، اينٽينائن کي

بدقسمتيءَ سان اسان تڪيندا تا رهون
خوُن چوسڻ وارن ڪي
اسان ٻنيوُن ٻارا ۽ باغ بغيچا
نٽا مُرڪن هاڻي
نديءَ جو وهڪرو
بيهجي ويو آهي
ڪوهجي ويو آهي رڪاوٽن سبب
اُنجو اُتساهه

وقت هو جڏهن
زندگي خوشيءَ سان سروبار هئي
بدقسسمتيءَ سان هاڻي
ويجهڙائپ مزا ماڻڻ جي پاونا
تيزيءَ سان ٿي رهي آهي غائب
ڏيکاءَ ۽ ڪوُڙ ۾ ڏرتيءَ جي سطح
ٿي رهي آهي بنجر
مٽي ٿي رهي آهي ويڳاڻي

موُل اُڙيا ڪوتا : هردانند پاڻيگرهي
جهاراپاٽا، پوسٽ ڊولاساهي
ضلع ڀدرڪ (اُڙيسا)

پاڻ کي تيار ڪري وٺندو هوندي تون
ٻين ڪيترين ئي برساتين لاءِ
پڇندو هوندين پاڻ کان

اڄ شام جي ڏکوئيندڙ حالت جي ياد
ڀهاڙ، نانگ جو ڦڻُ ۽ ڇٽي
ڇا ڪافي آهي ايتري خبرداري
ايندڙ سيني ناڪاميابين لاءِ؟

مؤل اوڙيا ڪوتا : ڊاڪٽر سوپاڳيہ ڪمار مسرا

هڪ ڪري تيار رکندين پنهنجي اندر جي
سيني گهاٽن ٻيلن ۽ جهنگلن ۾

اُهو به ته هڪ قسم جو آتم سمرپڻ آهي
ڏپ ۽ انشچيه ايترو وڏيڪ آهي جو
تون سوچڻ لاءِ مجبُور ٿو ٿي وڃين ته
راند ڪري رهيو آهين
موقعو مليو هجي ها ته ٿي سگهي ٿو
تون اِئين به ڪرين ها
۽ ڪولين جي قطار تي ڪنڌ ٻرڪين ها

جهماجهم برسات جڏهن پوندي
وچ جهڙن چمڪندڙ هٿيارن سان گڏ
جڏهن لهندي اڪشوهڻي سئنا آسمان مان
برسات وانگر توتي ٽپا ڏيندڙ
وزندار نار ڪان بچي، پجي نه سگهندين
جهنجهٽن ڪان ٿڪجي، مٿو جهڪائي
تون اِئين ئي ڪلندو هوندين پاڻ تي
جيئن ڪلندو رهندو آهي ٻنيءَ ۾ اوڙو (بجوڪا)
اڌ رات جو فصل لتاريندڙ
ڍورن کي ڌسي ڪري

پاڻيءَ سان سروبار ٿي
ياري پرڪم قدم کڻندو
آخر تون پهچندي گهر ۽ ٻڌندين
اڙي پِجي وئين؟
بيهي چونه رهين ڪٿي؟
اُگهندي پاڻ کي، ڪپڙا مٽيندي
گرم کير جو گلاس چپن تي رکندي

جگنوءَ جيان تصوير ۾ جيئڻ جي
پر وساري ٿو ڇڏين
تون تہ مسافر آهين
سج جي ويندڙ رت تان
فقط لهڻو آهي توکي
تون ڪڏهن سوچين ٿو ڇا
لباس بدلجي ويا آهن
سپنن جي مينارن جا پٿر
پنيان رهجي ويا آهن
پڙهڻ جي فرصت ڪنهن وٽ آهي
گهڻو ڪجهہ پنيان رهجي ويو
بي مسافريءَ جي حوالي ۾
ڪا مسافري آخري نہ آهي
هن پرڪرما ۾
ٿڪجي جهوٽا کائڻ
زندگي آهي
جڏهن نيڻن ۾ خواب نہ هوندا آهن
اِنسان ڪيئن چوُسجي ويندو آهي
ڪنهنکي پتو ڪونهي هو ڇو ٿو ياد ڪري
اکين ۾ وسيل اِندلٺ
۽ ايندڙ مسافريءَ جا
ڪڏهن ختم نہ ٿيندڙ اِمڪان

مؤل پنجابي ڪوتا : سج جي ويندڙ رت تان
(سورج دي ودا هوئي رت نون)
مؤل پنجابي ڪوي : ڊاڪٽر ڪرشن ڪمار رتو

سچ جي ويندڙ رٿ تان

ڪجهہ ٿئي ٿو
خال ۾
خال ڪڏهن پرجندو نہ آهي
ڇوتہ خاليپڻ ڪڏهن موڪش نہ ڏيندو آهي
هڪ ٽپڪو هوندو آهي، باقي
هتان ٿيندي آهي
زندگيءَ جي شروعات
تون هارائيندو آهين
تہ زندگي هارائيندي آهي
تون هلندو آهين تہ هلندي آهي
ڪيچلي ٿي ويندي آهي
زندگي نالي جي ڏارا

جڏهن گهڻو ڪجهہ پنهنجو نہ هوندو آهي
تڏهن بہ هيءَ ڌرتي ۽ آسمان
پنهنجو حصو رکندا آهن
تنهنجن پيرن ۾ مٽي تي
سمورو آسمان ڪڏهن پنهنجو نہ ٿيندو آهي
هر روز ٿيندي آهي
پرڪرما پر زندگي تہ هلندي رهندي آهي
تون جو هر پل بدلجندي ڏسين ٿو
نهندڙ ٻهندڙ دنيا کي
ڪڏهن ڪوشش ٿو ڪرين
سچ کي هٿن ۾ پڪڙڻ جي

بُک

بدن کي پنهنجي صحتمند رکڻو آهي جيڪڏهن
۽ رکڻو آهي بيمارين کان کوهه پري

چاهي ختم ٿي وڃي اڏ ڏينهن ۾ ڌن ۽ سمپتي
بُک پنهنجي پيٽ جي لاهجائن ضرور

پيٽ پرجندو تہ بُک پاڻيهي لهي ويندي آهي
۽ کونگهرن سان پريل گهري ننڊ بہ ايندي آهي

پر
رپئي پئسي جي بُک، مان سنمان جي بُک، بُک
شريشٽتا جي
نالو ڪمائڻ جي بُک، بُک طاقت ۽ حاوي ٿيڻ جي
اِهي بکوُن آهن بيحد ڊيڄاريندڙ
اِنهن بُکن جي، اَتي ٿي وڃي جيڪڏهن
من ۾ هنسا، ايرکا، پاپ لڳن ٿا جاڳڻ
۽ لڳي ٿو سنن ڪرمن کان من کٽو ٿيڻ!

اِنسان هئڻ کان پوءِ بہ
لالچ ۽ لوڀ تنهنجي تعريف بڻجندا
اِنسان ذات جي فائدي جو سوچ
غائب ٿي ويندو تنهنجي من مان

بين جي ڪا ڳالهہ مني نہ لڳندي
۽ هوندو تنهنجي لاءِ هر طرف تيڪُ
هن قسم جي بُک پئدا ڪندي اهڙا حالات

سُپنا

ڏينهن جو سُپنا نہ ڏسبا آهن
راهگير رستو وساري ويهندا آهن
ماءُ چوندي هئي
پر مان ڏينهن جو سُپنا ڏسندو هئس
ڪڏهن رستن تي پتڪي ويندو هئس
ڪڏهن آسمان ۾ اونچو اُڏامندو هئس
ڪڏهن اُس جيان چمڪندو هئس
ڪڏهن رات جي اوندهہ ۾ ٻڏي ويندو هئس
بيابانن ۾ هلندڙ واچوُڙا
اِنسانن کي گاهہ ۽ ڪک پن وانگر اُڏائي ويندا آهن
ڪٿي ڪچو پيچرو
ڪٿي پٿراهين ڌرتي
ڪٿي سج جي تپش
ڪٿي رم جهم برسات
ڪٿي نديءَ جي ڌار
ڪٿي گهرو سمنڊ
وڙهندي هوائن سان
ٽڪرائيندي پاڻيءَ سان
ڇُهندي مهڪندڙ متيءَ کي
رنگن جي رونق ۾ گم تي ويندو هوس
لڳندو هو ماءُ جي ڪَڇَ ملي آهي
سُپني ۾ ماءُ جي لولي ٻڌندو هئس
سُپنا نہ ڏسان ها تہ
نوان رستا ڪين ڳولهيان ها
پربتن تي ڪيئن چڙهان ها
سمنڊ ۾ ڪيئن تران ها
آسمان کي ڪيئن ڇُهان ها
سُپنا نہ هجن ها تہ ڇا هجي ها
موُل پنجابي ڪوتا : گُرچرڻ سنگهہ

فوجي جوان

ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ، زال پٽ
ڪٽنب ڳوٺ ۽ جنم ڀوميءَ سان توڙي ناتا
ملڪ جي حدن جي رکشا
۽ ماڻھن جي شانتي پختي ڪرڻ لاءِ
او پٽ تون وڃين ٿو
مٿو ڪوڙائي
پٺيءَ تي ڪٽي بوجھ
ھٿن ۾ ڪٽي گولي بندوق
ڀُلائي ڀُک ۽ اُڃ
ترِيءَ تي ڪٽي ساھُ
جٽين وقت برھمچاريءَ وانگر
نڪري ويو ھجين جڻ
واپس موٽڻ واري رستي کي وساري
ڪاڏو ۽ آرام تياڳي
جُتيل ٿو رھين ڏينھن رات
ھميشھ تيارُ چُشت دُرست
سھي جيان ڪَنَ ڪَڙا رکي
ملڪ جي سڏ تي
نازل ٿو ٿين دشمن تي ھي جوان!
ڪڏھن جھاڳين ٿو ڳھاٽن جھنگلن کي
مائووادين جي ھٿان شھيد ٿيل ساٿين کي
ڳولھڻ لاءِ
يا تلاش ڪرڻ لاءِ

ٻلڪ بند نہ ٿيندي ۽ چوريءَ ڪان من نہ ٻچندو
اَهڙو حشر ٿيندو جڏهن ريٽي پئسي جي ٻُک ستائيندي
ڪم ڪرڻ جي چاهنا نہ، مان سنمان جي ٻُک طاقتور
هوندي جيڪڏهن نہ ڏِنئِہ مانُ اُن ٻُکئي کي
تہ سامهون هوندءِ دشمنن جي قطار!

جنهن ۾ ٻُک شريشٽتا جي، ڪندو سينازوري
فقط پاڻ کي سريشٽ چوندو
لڪائيندو ڪم نہ ڪرڻ جي ڪمزوري
نالي جي ٻُک ڪنهن بہ حد تائين وڃي سگهي ٿي
ضرورت پوڻ تي ڀين کي پيرن سان چٿي سگهي ٿي
سُسِيل سوچ واري جو من ننڍو ٿيندو ۽ پيرمن ۾ ڦاسندو
ڪم ڪرڻ جي نہ، نالو ڪمائڻ جي ڪوشش ڪندو
طاقت ۽ وڏپڻ جي ٻُک
اِنسان جي زندگي نيستنابود ڪندي آهي
خوشيءَ جا پل ميٽي
دک جو ماحول تيار ڪندي آهي
رت ۾ پئدا ڪندي آهي آنڌمانڌ
۽ ختم ڪندي آهي ڀائيچاري کي
پريم جا گهر ٽوڙي عطا ڪندي آهي هٿيار
طاقت ۽ وڏپڻ جي ٻُک سڄڻ کي ڏوهي بڻائيندي!
۽ واڌاري جو رستو پٽڪائيندي
جيستائين جيئري آهي
ڌرتيءَ تي اِنسان ۾ هيءَ ٻُک
انديشو رهندو سڀيتا جي خاتمي جو
۽ لڳاتار ٿيندو رهندو
اِنساني آسودگيءَ جو قتل

مُول سنڌالي ڪوتا جو عنوان : ’رينگيچ‘
مُول ڪوتا جو ڪوي : کيروال سَرينِ

واھڻ تي ليٽائي توکي آندو ٿو وڃي
راڄڌانيءَ رستي تنهنجي جنم اِستان تي
تنهنجي ناشونت شرير تي راشٽريہ جهنڊو
ڦھرائي ٿو اونڇو
ڏئي ٿو توکي اونڇي کان اونڇو سنمان
تنهنجو نرجيوَ سرير ليٽايو ٿو وڃي
گلن جي سيجا تي
راڄنيتا ۽ نوڪرشاھہ وڄهن ٿا توتي
رنگ بہ رنگيون مالهائون
توکي دفنايو يا جلايو ٿو وڃي
گولين جا آواز ڌرتيءَ کي ڪمبائين ٿا
توکي آخري سلامي ڏني ٿي وڃي
ڀارت جي راڄڌانيءَ ۾ ’امر جوان جيوتي‘
روشن ٿي ڪئي وڃي تنهنجي نالي سان
فوجي جوان جي روپ ۾ ڪئي ٿي وڃي
تنهنجي سنڀال ۽ سرکشا .
ديش واسي توکي سلام ٿا ڪن
۽ اُهو تنهنجو اڪيلو ورثو آهي.

مؤل سنڌالي ڪوتا : ڊاڪٽر دمينتي بيشرا

پاڻيءَ ۾ ٻوڙيل جسم
مؤت سان مقابلو ڪندي
ياد ٿو رکين تون 'فوجي جوان' آهين
تو پنهنجي جواني ملڪ ۽ ماڻهن لاءِ ارپي ڇڏي آهي
وساري پنهنجون خوشيون ۽ سُک
سدا تيار ٿو رهين هوا وانگر
جسم قربان ۽ زندگي نڇاوَر ڪرڻ لاءِ
تون فوجي جوان آهين!
لڙائيءَ جي ميدان ۾ اڳيان وڌڻ لاءِ
تون ڏُک پائي پيٽ سان رڙهين ٿو
تنهن وقت تنهنجا ديش واسي
چنتا ۾ ٻڏل هوندا آهن
سندن دليون پرزا پرزا هونديون آهن
ڏسي تنهنجو سنگهرش ۽ تنهنجون تڪليفون
جيت ملڻ کان پوءِ
سامت جو ساهہ کڻي شُمهين ٿو ڪجهہ دير
چاهين ٿو پيارن ۽ ويجهن کي ڏسڻ
پر ڏسي نٿو سگهين
ڇو تہ تون آهي 'فوجي جوان'
جڏهن تون شهيد ٿو ٿي وڃين
تنهنجي جوان طاقت کي رکيو ٿو وڃي
ڪاٺ جي تابوت ۾
۽ توکي آرام ٿو ڪرايو وڃي برف جي ڇپن تي
پرپور ڪوشش ڪري
تنهنجا دوست دٻائين ٿا اُياماندڙ جذبن کي
هوُ شرڌانجلي ٿا ڏين توکي گُلن سان
ويڙهين ٿا تنهنجي بدن کي راشٽريہ جهنڊي ۾

مور آ جنهنجو قومي پکي
ڏيرج پري محنتي جيوَت جنهنجي

ديا، سنتوش، صفائي، سچائي
جتي ڪرم جي اهميت آ
واڌارو روشني، لاڳيتي رفتار
آهي ڀارت جي شڀ ساڌنا
سک آهي چئن آشرمن ۾
ذهنيت هر شخص کي پياري آ
ڪلياڻ سدا ڀلائي تو
وشوَ شانتيءَ جي راهن تي

مؤل سنسڪرت ڪوتا : ڊاڪٽر جيترام ڀٽ

پرڳام ڀارت

جڳ جي تي سوڀيا وڌائي
روشني هيءَ آهي ڀارت جي
مشهور آهي سنسار ۾
تعضيب هيءَ ڀارت جي
ڪلياڻ سدا ڦهلائي ٿي
وشو شانتي جي راهن تي
ماتر ڀومي جي سونهن نرالي
پرڻام آ منهنجو ڀارت کي

اُتر ۾ اَچي مُڪُٽ جيان
هماليه پربت سينگاريل آ
ڏکڻ ۾ چرڻن جي جنهنجي
سمنڊ بندگي ڪندڙ آ
نديون، جهرڻا، جل ڌارائون
سينگاريندڙيون آهن ڀارت کي
ماتريومي جي سُونهن نرالي
پرڻام آ منهنجو ڀارت کي

چڪر سميت ٽن رنگن جو جهنڊو آ
قؤمي نشان ٽن شينهن جو
مُلڪ جي نام وري آ شامل
راشٽر گيت ۽ راشٽر گان ۾
سهڻو ڪمل قومي گُل آهي
شينهن آ قومي جانور جنهنجو

جتي هٿيليءَ تي ساڌوءَ جي
سِڌي حاظر رهندي آهي
وئدڪ ڪُل جي اونڪار سدا
گونجندي رهندي آهي
ڳانءِ ڳنگا ڳيتا ۽ ڳروءَ جي
جئہ جئہ ٿيندي رهندي آهي
اُهو چمڪندڙ ۽ روشن
ڀارت ورش اسانجو آهي

جنهنجي ساراهہ براهمڻ، ڏاها ۽ نندا وڏا
ويد منترن سان ڳائن ٿا
ڀڄن ڪيرتن پڙهڻ سوچڻ
۽ ستسنگ سدا ريجهائين ٿا
سپيئڻي پکي ملي ڪري
ڪوڪَن ۽ ڪيڪارين ٿا
اُهو چمڪندڙ ۽ روشن
ڀارت ورش اسانجو آهي

جنهنجي ڪوين جا بيت ۽ ڪوتا
ڪمل جيان وڻندڙ آهن
سڄي جڳت جو مُڪ مٽيو
وراست جڻ املهہ هيرو آهن
دشمن لاءِ جيڪو هردم
سج جيان باهہ مثل آهي
اُهو چمڪندڙ ۽ روشن
ڀارت ورش اسانجو آهي

مؤل سنسڪرت : ڀاڳيرٿي نندا
پروفيسر، لعل بهادر شاستري راشٽريہ سنسڪرت وديا پيٺ
قطب اِنسٽيٽيوٽ ايريا، نئي دهلي

ڀارت ورش اسانجو آهي

برفاني پهاڙ جي اونچي چوٽيءَ وانگر
سهڻو آهي جنهنجو مستڪ
جنهنجا چرڻ ڌوئي ساگر
نچندو ڪُڏندو لهرائيندي
جنهن ڌرتيءَ تي واس ڪرڻ
ديون کي پڻ آهي پيارو
اُهو چمڪندڙ ۽ روشن
ڀارت ورش اسانجو آهي

جنهنجيءَ نظرن ۾ دنيا آهي هڪ ڪٽنب
ڌرتي آهي هڪ آکيرو
ننڍڙي ڪيڙي کان ايشور تائين
ساڳيو آهي سوچ
جنهنجو ڪرنگهو، وهي جتي گنگا جو پاڻي
ٻڻجي اَمرت جي ڌارا
اُهو چمڪندڙ ۽ روشن
ڀارت ورش اسانجو آهي

تِلڪ لڳائن تا ڪَڪَر
جنهنجي سُهڻي ڀال تي
اِندلن جا رنگ تا نچن
جنهنجيءَ لئہ ۽ تال تي
ڪٿي شيوَ ڪٿي ويشڻو
ڪٿي شڪتي مت وارا سونهن
اُهو چمڪندڙ ۽ روشن
ڀارت ورش اسانجو آهي

جي ڏير تي پکڙيل سرخ ڳاڙهائڻ
پڪيءَ جو رنگ هو برابر ڪارو پر من
صاف شفاف هنداڻي جي اڇي ڳل جيان
بلڪل نرم، سيمل جي ڪپهه جيان
بلڪل شيتل، صبح جي ماڪ جيان
سڀ ڪان اڳ ۾ جائي هئي اسانجي پڪي
تنهنکان پوءِ جائو هو ڪم جو سِرشتو
فقط اِنسان نه هئي اسانجي پڪي
آدم اوزارُ هئي ڪم ڪار جو
پنيان آرينن جي وڻ تي سستائيندڙ ڪانءُ
پره ڦٽند ئي اسانجي پڪيءَ کان وقت پڇندو هو
۽ جڏهن اڱڻ ۾ بهاري پائي
هوءَ ڪٽندي هئي بهاريءَ وارو هٿ مٿي
ته عزت سان پري هٽي ويندا هئا
ڪڪڙن جي ٽکرن سميت ڪَهڪَشان جا تارا
ٽپرش ۾ ڏندين آڱر ڏيندي هئي پرپات
صاف سٿري اڱڻ کي ڏسي ڪري
کوهه تي ويندڙ پڪيءَ کي ڏسي
ننڍڙن پتڪڙين مڇين وانگر
چار ڏاڪا هيٺ پاڻي اُڇلون ڏيندو هو ور-ور
پڪيءَ جي پيرن جون آڱريون چمندي
برسات ايندي هئي
ڦاٽل اٽڦاٽل ڪڪڙن جا ٽکر
خوشيءَ ۽ غم سان پگهرئي بنا
خاموشيءَ سان ترندا هئا
پڪيءَ جي سرمو وڌل اکين ۾
پوک وقت فقط هڪ بوُٽو
زمين کي سُپُرد ڪندي هئي پڪي

اسانجي پٽي

سندس ڳوٺ نہ هو ڪوئي
فقط جهوپڙ پٽي هئي
سندس ڪوئي نالو نہ هو
فقط هئي ذات
سندس حصي ۾ ڪو سُک نہ هو
فقط محنت هئي
هوءَ پٽي هئي اسانجي
تون ٻڌندين سندس ڪهاڻي؟
پٽي ڪا عام عورت ڪانہ هئي
پپئي جي وڻ جيڏو ڊگهو لمبو قد
پنيان نہ موتندڙ نديءَ جي چال
سروءَ جي وڻ وانگر آڪاش للڪاريندڙ
اسانجي پٽي
مضبوطيءَ سان انگ ورائي
ڪٽي هٿ ۾ ڏاٽو
ٻنين ڏانهن ويندي لڳندي هئي
ڦڻ ڦهلائي سرگوشيون ڪندڙ ڪاري نانگڻ
پٽيءَ جو رنگ ڪارو هو
اهڙو جهڙو معمولي ڪارو نہ
پڪل جموںءَ جهڙو ڪارو رنگ
ڪيڙيل ڪاري مٽيءَ جو آبنوسي ڪارو رنگ
ٻنين جي وچ ۾ بيٺل پاڻيءَ ۾ ڪر موڙيندڙ
ڪارن ڪمل جي گلن جو ڪارو رنگ
ءِ سندس نرڙ جي ڳاڙهي ٻندي
اِئين جيئن تازن ڳاڙهن مرچن

اَمان، تو سچ نہ ڳالهايو

او اَمان !
جڏهن ننڍي هوندي مان راند ڪندي
ڏڪندو هوس
توسان ٽڪرائيندو هوس
تہ تون ٽاهڻ جي
وچي در سان ٽڪرائيندي هئينءَ
تنهنجي نرڙ تي رتُ نظر ايندو هو
۽ تون نرڙ کي مهٽيندي هئينءَ
مون پڇيو، سُور تہ ٿئيئي؟
تہ مونکي چُمي ڏيئي ڀاڪُر ۾ پريو
۽ اِنڪار ۾ مٿو ڌوڻيو
پر تو سچ نہ ڳالهايو هو!

ڪم جي نہ سهڻ جهڙي بوجهہ
بابا جون نردئي مارُون
ساهرن جا ظلم سهندي
توکي ڏسندو هوس
تہ منهنجو ماسوم ڏپ روئندو هو
تنهنجين چُپي ويل
ڀڳل چوڙين تي اُپريل
رت جا قڙا
پنهنجن ننڍڙن هٿن سان اُگهندو هوس
۽ پڇندو هوس، ڏاڍي تڪليف آهي؟
ڳوڙها لڪائيندي، نظرون ڦيريندي
اَمان، تو سچ نہ ٻڌايو!

ٻاڇ جي سهاري سان
تہ سيبئي ٻنيون گلزار ٿي وينديون
پالمُورو (محبوبنگر) جي وسيع
ٻڙ جي وڻ (پلالا مرِ) وانگر
تنهن کان پوءِ بہ پڦيءَ ٻيڻل نظر ايندي ٻنيءَ ۾
ٿُڙُ وانگر مضبوطيءَ سان
هوندا صبح ۽ شام سڄ لاءِ
پر آرام لفظ ايجاد ئي نہ ٿيو هو
اَسانجي پڦيءَ لاءِ
ڳوٺ جي ديوتا جي شاديءَ ۾
۽ ٻارن جي مانجهاندي جي پروگرام ۾
ليئا پائيندي هئي
پڦيءَ جي ڳنل مُرن مان سندس ذات
چانورن جي ادائي مٽي ڳوڻ
ڪهڙي حيثيت هئي؟
سڄي عمر ٻوجها ڍوئيندي رهي پڦي
سوچيان ٿو ناريل کي جنگهن ۾ جهلي
ٿن ڏکن ۾ چلڻ واري پڦي
چونہ جنم ورتو پيد ياوَ پريل 'ڪارمچيدوُ' ۾
ڳوٺ ۾ فساد ٿيڻ کان پوءِ
پَلَوَ ۾ ٻاڙها مرچ ۽ هٿ ۾ لالٽين کڻي
سڄي رات نديءَ جي ڪناري
چوڪيداري ڪندي گهمندڙ اسانجي پڦيءَ
اَنيايہ ڳاڏر 'چُندوُر' ۾ چونہ ورتو جنم
سوچيان ٿو اسانجي پڦيءَ کي
ڪالهہ نہ، اڄ هئڻ گهربو هو زنده!

تيلگوُ ۾ موُل : سُڪامٽي، پونڊوچيري

پسند آهي

ٻڳهي سُهڻي وڻ کي ڏسي ٿُنن چيو
اَڱڻ ۾ پنن جي ڪِرڻ سان ڇڙ تي لڳي
ٽارين تي ويٺل پکين جي وٺين سان
خفگي تي ٿئي
وڻ جو اِنسان جي ٻيگهہ کي للڪارڻ درندگي آهي
ميٽي ڇڏيندا سين پاڇن جو نانءُ نشان
روڪي ڇڏيندا سين بيسُود امر گيت
پسند ڪندا سين آڪاش ڇهندڙ اڏاوتن جي ڇانوَ کي
وڻ جو بي لفظ گيت نہ ايندو آهي ٻڌڻ ۾ هنن کي
ڇاڻ نٿن
وشال اڏاوتون آڪسيجن نٿيون ڏيئي سگهن
نٿا سمجهن
سچ تہ اِنسانن کي بہ ڦرڻو آهي
نرم، سايع نئي پن وانگر
بوٽن کي بارن جيان نپائڻ ئي آهي منهنجو ڪم
ڇانوَ جي اُڃ لاهڻ ئي آهي منهنجو ڪم
مونکي وڻندو آهي سائو - ڇَهچُ سنگيت
تنهن ڪان بہ وڌيڪ وڻندو آهي هميشه سائو سماج

بن پيرن واريون آدم قد سورتون ڏسي ڪنهن چيو
هي سپ پٿر تي اُڪيريل سُهڻا اِنسان آهن
پٿر جي روپ ۾ اِنسان جي سوُنهن
پٿرن تي وهندڙ ڪامنائن جا آبشار آهن

هر دفعي جڏهن
اونچي پڙهائيءَ لاءِ مان داخلا وٺندو هوس
تنهنجا زيوَر ۽ پشتئني جائداد
هڪ هڪ ڪري هٿ ڇڏائيندا ويا
۽ تون ڏسندي رهندي هئينءَ آئينو
حالتن کي سمجهندي
مان توکي پنهنجي آلائيندي ڇوندو هوس،
اَمان، ڏسجانءِ هڪ ڏينهن زيوَر
مان توکي واپس وٺي ڏيندس
فقط پڙاڏا ثابت ٿيا
منهنجا وائدا
بس آئيندو ڏسڻ کان تون
ڪيبائڻ لڳينءَ
تڏهن به
اَمان، تو سچ نہ ڳالهايو
پوءِ جڏهن مان ڊالرن جي باغ ۾
هليو ويس
اکين جي آلائڻ کي جذب ڪندي
ودا ڏيندڙ ڇهري جي مُرڪ ۾
پنل ممتا کي پاسيرو ڪندي
تنهنجن ڳُلهن تي هٿ رکي مون ڏٺو ڏنو،
اَمان، مان جلدي موٽندس،
تون دل ننڍي نہ ڪجانءِ
پاڻي پريل اکين سان تون زوريءَ مرڪينءَ
تڏهن به
اَمان، تو سچ نہ ڳالهايو

مُوُل تيلگو ڪوتا : ڊاڪتر سي. ڀواني ديوي

هنن جو جنم اڪارٿ آهي
نہ مُرجهائڻ واري سڳنڌ لاءِ
فقط نہ ٿيڻ وارن ممتا جي رنگن کي
تلاش ڪرڻ ئي منهنجو ڪم آهي
ديوَ لوڪ جا هر سنگار ۽ خوشبودار گُل
ڪٿي ملندا آهن؟

اُتي هڪ تيز واريءَ جي چرنن تي
ڪريل بي نالي پنکڙيون نظر ايندِيون آهن
پنکڙين ۾ آهي غلطاني ۽ اهميت جو احساس
گُل پسند آهن مونکي
نيرا، موهيندڙ، رات سان ڳالهيون ڪندا آهن
گل سرگوشيءَ ۾
اُهي بہ پسند آهن مونکي
هڪ ديا سان پريل ماءُ جي چرنن تي وهندڙ
تياڳ جي گُلن جي سڳنڌ اجا بہ پسند آهي مونکي
سڄي ڪائنات گلن جو باغ بڻجي وڃي
اهڙين ڪويلين جي اچڻ جي گهڙيءَ لاءِ
آجيان جا گيت لکڻ
اجا ڏاڍو وڌيڪ پسند آهي مونکي

مؤل تيلگو : ڊاڪٽر پاپنين شوَشنکر

چئني پاسن ڏانهن آهن اُدمن جا گهيرا
هيءُ آهن نه چڙندڙ، نه هلندڙ بوٽا
مضبوط ء ڪنور پٿرن جي وچ ۾
ديا جو هڪ ڦڙو ڳولهڻ ئي آهي منهنجو ڪم
آڪاشن جي وچ مان ٿڏا بادل پري
رحم جا ڪبوُتر اُڏائڻ ئي آهي منهنجو ڪم

اِنسانن سان بيحد پيار آهي مونکي
اڃا به وڌيڪ پيار آهي
اِنسانن جي اندر وهندڙ هوائن مونکي

سؤ ڪروڙ سنتان واري ڀَراڙيءَ کي ڏسي ڪري
چيو هن شخص
اڇي پاٽياني چيز ڪانسواءِ ڏنو چاهي هن عورت مونکي
ڪنهنجو ڪنهن ڳالهه لاءِ
ڪوئي سنمان ڪري، ضروري نه آهي
پنهنجي موهه ۾ ڦاسڻ ئي اهم آهي
فقط پاڻ اهڙو ڪير ٿيندو ئي نه آهي
جنهن ۾ امرت مليل نه هجي
اِها ڳالهه ٻڌائڻ ئي منهنجو ڪم آهي
ٿڇ پيئارڻ واري ٿڻ تي حملو ڪرڻ پاپ آهي
اِها ڳالهه ٻڌائڻ ئي منهنجو ڪم آهي
ماءُ جي چاندوڪيءَ ۾ رهاڻ ئي پسند آهي مونکي
ماءُ کي ياد ڪري هٿ جوڙڻ وڌيڪ پسند آهي مونکي

ٽڙندڙ گُلن کي ڏسي چيو هنن
فڪا ٿي ويندا هي رنگ
مُرجهائجي ويندا هي سياٽي تائين
سڳند ڇا قائم رهندي سدا؟

رستي ۾ ڪانوينٽ ۾ ڏسندو آهيان ٻارن کي
تہ لڳندو آهي
منهنجي ڌيءُ رانديون ٿي ڪري انيڪ روپ ڌاري
جنهنکي بہ ڪاليج جي آس پاس بيٺل ڏسندو آهيان
تہ لڳندو آهي
رنگ برنگي ڪپڙن ۾ اُڏامي رهي آهي
منهنجي ئي ٻارڙي پوپٽي بڻجي

ڪچاڪچ ڀريل بازار ۾ ڏسان ٿو
پاڻ کي ۽ ڌيءَ کي
سوين هزارين روپ ڌاري
هٿ پڪڙي هلندي
ڪنهنکي نظر تہ نٿو اچي
پر منهنجي مٿي تي آهي هڪ ننڍڙو سنگهاسن
اُن تي ويٺل هڪ ننڍڙي پتڪڙي راجڪماري
لڳندو آهي هن دنيا جي ميلي ۾
بنا ٿڪائي اُنکي گهمائيندو ئي رهندو آهيان هردم

هاڻي هنکي آئيني ۾
پنهنجيءَ صورت کان سواءِ
ڪجھ بہ نظر نٿو اچي
سڄي رات مگن ٿي رهي پڙهائيءَ ۾
تہ مان چانھ بڻجي اُپامندو ئي ٿو رهان
هوءَ اِمتحان ڏيئي رهي هوندي
تہ مان اُهي ٽرئفڪ پوليس بڻجي ويندو آهيان
جيڪو رستن تي سيني گاڏين کي روڪي ڇڏيندو آهي

هوءَ ٿڌ ۾ ڪنبڻ لڳي
تہ مان ڦاٽي پوندو آهيان ڪپھ جو ڏوڏو بڻجي
هوءَ بخار ۾ تپڻ لڳي

مٺو ڦريل پيءُ

هميشھ اِئين لڳندو آھي
سيني تي ڪمل جھڙا ٻہ پير
حرڪت ڪري رهيا آهن
مکڻ جھڙا ٻہ چپ
جوڳو ڪري منهنجي ڳِلن کي
ڪلي رهيا آهن
پان جي پنن جھڙا ٻہ هٿ
ڪوملتا سان گھيري منهنجي ڪنڌ کي
جھولو جھولي رهيا آهن
ڪچيءَ ڪان / ستارا جڙيل چوڙيدار تائين
ننگ ڏڙنگ گھمڻ واري ننڍڙي ٻارڙي
وڏي ويئي ريشمي لهنگن تائين
هوءَ ڪيترا ٻہ ويس مٿي
هن پيءُ جي نظر ۾ اجا تائين هوءَ
سھي جو ٻار ئي آھي
هن پيءُ جي من ۾ هوءَ اجا ٻہ
برف جي ڳُلن جي ڦُھار ئي آھي
ٻارن ۾ ٻارڙيءَ وانگر
ڇوڪرين ۾ ڇوڪرين وانگر نظر ايندي
مونکي لڪين ڏيئرن جي پيءُ وانگر
لڪپتي ٻڻائيندي آھي
ڪڏھن ڪنهن دڪان تي ويندو آهيان
تہ لڳندو آھي
اُتي سڀ رانديڪا منهنجي گڏيءَ وانگر
سڏي رهيا آهن مونکي پاپا، پاپا چئي ڪري

داغ ٻين کي هاڻي
ڏيکاريون ڇا

داغ ٻين کي هاڻي ڏيکاريون ڇا
جيڪي ٻرن ٿا ڏيئا وسايون ڇا
جڏهن ٻه چاهيو لٽائي ڇڏيا موتي
سانڍي رکيون اکين ۾ علامتون ڇا
نيائي سڳهن جي ناتا هن دور ۾ ٻه ڪنهن سان
ڏينهن ماڳ ڪونه موٽن چاهي پڇن اچون ڇا
ڇا زمين ڪڏهن نه اُجڙندي آ

زخم چوندا ناهن وڃون ڇا
پڙهي رهيو آهي هينئر هو منهنجي ڇهري کي
ڪم اچي ويون هن آخر دئائون ڇا
اچي نٿو ڏسڻ ۾ ڪو پکيئڙو ييي
آشيانا اُجڙيا هاڻي جيئون مرون ڇا
اسان ته فقير هئاسين 'نور' هميشه ئي
ماڻهن الائي ڇا سمجهو بيقراريون ڇا

اُردو مول : ڪرشن ڪمار نوُر

تہ سؤ پرن وارو پنکو ٻڌجي
ڦرندو آهيان هنجي عرد گرد
هوءَ بيمار ٿي پوي
تہ ڏوهہ ڏيندو آهيان اوکد وگيان کي
هڪ پيرو ڪلي ڏي
تہ سڄو بدن لرزي ويندو آهي منهنجو
هزارين ساز ٻڌي ڪري

پوءِ هنجي جنم ڏينهن تي
مان پاڻ ڦوڪڻو ٻڌجي اُڏامندو آهيان آڪاش ۾
ٿاريءَ ٿاريءَ تي چاڪليٽ ۽ ڪيڪ ٽنگي
ڪارائيندو آهيان پرندن کي

هاڻي تہ وڏي ٿي ويئي آهي نہ!
ڪڏهن ڪان چڙي ڏني اٿائين
پاپا جي پيپَ سان راند ڪرڻ
مٺان وري 'مٺو ڦريل پاپا' چئي مونکي
ڪلڻ لڳندي آهي

نہ ڄاڻ ڇو جيئن باندر جي ٻارڙي
چُهٽيل رهندي آهي ماءُ جي پيٽ سان
لڳندو آهي مونکي
جيئن بيحد ڪومل پراڻ گيت ڪوئي
وڪوڙيل آهي منهنجي پيٽ سان

مون لاءِ ڌيءَ جو مطلب آهي
هڪ ٻي جنم ۾ ملڻ واري ٻي ماءُ
اسانجي من جي شو ڪيس ۾ هردم ڪلڻ واري
پيار گُڏي

مؤل تيلگو ڪوتا : بي. آر. وي. پرساد مورتي

ٿاڀا ڪائي سنڀالڻ نہ
ايندو آهي مونکي

ٿاڀا ڪائي سنڀالڻ
نہ ايندو آهي مونکي
هل مون سان گڏ
نہ ايندو آهي مونکي

پنهنجين اکڙين مان
وهائي ڪوئي منهنجا ڳوڙها
پنهنجي اکڙين مان نکرڻ
نہ ايندو آهي مونکي

تنهنجي پاڪر جي تپش
ئي منهنجي تدبير بڻي
ميڻ جو هوندي بہ پگهرڻ
نہ ايندو آهي مونکي

سنجها تو ڪري اکڙ
ڪوئي زلفن واري
نہ تہ آهيان اُهو ڏينهن لهڻ
نہ ايندو آهي مونکي

ڪيترا دل ٽوڙي چڪو آهيان
اِن بي هنريءَ ۾
جار ۾ ڦاسي ڪري نکرڻ
نہ ايندو آهي مونکي

ڪيترو چيو هو

ڪيترو چيو هو تہ چتر زبانن ۾ گذر نہ ڪجانءِ
ڪيترو چيو هو ڳالھہ ٻڌائجانءِ پر نہ ڪجانءِ
ڪيترو چيو هو تہ ٻڌڻ جو ڏپ آهي وڏيڪ
ڪيترو چيو هو پاڻيءَ جو صفر نہ ڪجانءِ
ڪيترو چيو هو تہ اڪيلو نہ رهي سگھندين تون
ڪيترو چيو هو تہ اسانکي اِئين دربدر نہ ڪجانءِ
ڪيترو چيو هو نہ سڃاڻندو آهي توکي
ڪيترو چيو هو تون هنکي پنهنجي خبر نہ ڪجانءِ
ڪيترو چيو هو رشتن کي سنڀالي رکجانءِ
ڪيترو چيو هو تہ موحبتن کي مختصر نہ ڪجانءِ
ڪيترو چيو هو تہ اجنبي تہ وري اجنبي آهي
ڪيترو چيو هو تہ ٻين کي همسفر نہ ڪجانءِ
ڪيترو چيو هو زمين سان ناتو نہ 'نوُر' ٽُٽي
ڪيترو چيو هو آسمان کي زير-ي-اثر نہ ڪجانءِ

اُردو مول : ڪرشڻ ڪمار نوُر

وچ درياهہ مان درياهہ
تڙ بدلي ٿو سگهان
پنهنجي پيڙ ۽ کي مٽ
نہ ايندو آهي موٽي

پنهنجي معنيٰ کي مٽ
نہ موٽي ايندو آهي
تنهنجن لفظن کي مٽ
نہ ايندو آهي موٽي

فرحت احساس ترقي
ناهي ڪرٽي موٽي
ايترو تڪڙو هلڻ
نہ ايندو آهي موٽي

اُردو مول : فرحاتہ احساس

डॉ. के. श्रीनिवासराव
सचिव
Dr. K. Sreenivasarao
Secretary

साहित्य अकादेमी
(राष्ट्रीय साहित्य संस्थान)
संस्कृति मंत्रालय, भारत सरकार की स्वायत्तशासी संस्था
Sahitya Akademi
(National Academy of Letters)
An Autonomous Organisation of Government of India, Ministry of Culture

SA 61/22/TPW/ 22 December 2022

Dear Sri Bhagwan Atlani,

Greetings from Sahitya Akademi.

I have muich pleasure in confirming that the Executive Board of the Sahitya Akademi has, at its meeting held on Thursday, 22 December 2022 at New Delhi under the Chairmanship of its President, Dr. Chandrashekhar Kambar, selected your translated book Kiiyun Te Tangiyal Shakhs (Sindhi) for the Sahitya Akdemi Translation Prize 2022. Please accept my heartiest congratulations.

The Translation Prize carries a cash prize of Rs. 50,000/- and an inscribed copper plaque. A special function to give away the Translation Prizes will be held later.

Looking forward to meeting you and with warm regards.

Yours sincerely,

(K. Sreenivasarao)

Sri Bhagwan Atlani
Encl. as above